SINDHI GULSHAN 22, B. N. Road Lucknow - 226 001 | Volume 154-55 July-Dec. 2005 | RNI Regd. No. 667 Price Rs. 50.00

Published by Radhakishin Alamchandani on behalf of Sindhu Samaj, Lucknow
Cover Designed & Produced at Modern Printers, 10, Ghasyari Mandi, Lucknow. Phone : 2628686, Mobile : 9415018268

सिन्धी गुलशन

सिन्धु समाज लखनऊ जे सहारे हेठि

टिमाही साहितिक पत्रिका

अंक – 154-155 जुलाई–दिसम्बर - 2005

इस अंक फी कापी मूल्य 50 रूपये

चन्दो

	लखनऊ में	ब़ाहिरि लाइ	विलायत लाइ
सालियानो	80 रु.	80 रु.	250 रु.
बिन सालनि लाइ	150 रु.	150 रु.	500 रु.
लाइफ मेम्बर	600 रु.	600 रु.	2000 रु.

:: कार्यालय ::

22, बी० रोड, कस्तूरबा, नारी शाला, लालबाग, लखनऊ–226001

सम्पादकीय :–

भारत जी केन्द्रीय सरकार ऐं किनि प्रांतीय सरकारियुनि जो सिन्धी भाषा सां घोर अन्याय

भारत जे संविधान मोजब देश जे हर नागाकि खे पूरो अधिकार आहे त हू पहिंजी मातृ भाषा जो प्रयोग करे ऐं उन जे विकास लाइ कोशिश करे। इन में सरकार खे पूरो सहकार द्रियण खपे। इएं त हर प्रांत जी सरकार पहिंजे प्रांतीय भाषा जे विकास लाइ ब़धल आहे। इन जी हर तरक़ीअ लाइ सब कमेटियू वर्पा कंदी आहे। पर भारत में के अहिड़ियूं भाषाऊं बि आहिन जिन खे पहिंजो को प्रांत कोन्हे। उहे भाषाऊं आहिन सिन्धी, संस्कृत ऐं उर्दू। उनहनि भाषाउनि जे विकास लाइ केंद्रीय मानव संसाधन विकास संस्थान मंत्रालय ऐं शिक्षा विभाग कोशिश कंदो आहे ऐं प्रांतनि में प्रांतीय सरकार अकाडिमियूं वर्पा कंदियूं आहिन।

1967 में सिंधी भाषा खे भारतीय संविधान जे अठें शेडियूल में मान्यता द्रिनी वेई। इन खां पोइ भारत सरकार जे शिक्षा विभाग में सिन्धी विभाग बर्पा कयो वयो जो सिन्धी भाषा जे विकास लाइ अलग–अलग योजनाऊं ठाहे सिन्धी भाषा जे बाधारे लाइ कार्य चालू रखंदो रहियो। सिन्धी भाषा जे विद्वानिन, कवियुनि, लेखकनि खे सम्मान द्रियणु। सिन्धी साहित्य जे बाधारे लाइ सिन्धी किताबनि जे छपाइण ते माली मदद द्रियणु, उनहनि किताबनि जी बल्क परचेज करे, सिन्धी स्कूलनि, पुस्तकालयनि, विद्वाननि ऐं खास माण्हुनि द्रे मोकिलण में मदद करण, सिन्धी पत्रिकाउनि ऐं सिन्धी अखबारुनि खे इश्तिहार द्रियण जहिड़ा कार्य चालू कया वया।

सन् 1994 में केंद्रीय सरकार तरफां राष्ट्रीय सिन्धी विकास बोर्ड National Council for welfare of Sindhi language (NCPSL) जी स्थापना थी। जहिंजी मरकज़ी आफिस बरोदे में रखी वई।

इन संस्था जे पारां सिन्धी भाषा जे वाधारे लाइ केई अनोखा उत्साह वधाईंदड़ कार्य चालू कया वया। इएं ड़िसण में आयो त ज़णु सिन्धी भाषा जे विकास जो नओं युग शुरू थियो आहे। जे योजनाऊं अगु चालू हुयूं उन सां गदु सिन्धी लोक गीत, सिन्धी भगति, नाटकनि लाइ वर्कशाप शुरू कया वया। कहाणी लेखकनि जा क्लास लगाया विया। साहित्य सम्मेलन करण लाइ मकानी सिन्धी संस्थाउनि खे आर्थिक मदद ड़ेई हिमथायो वयो। सिन्धी किताबनि जी थोक खरीदी (Bulk Purchage), सिन्धी साहित्यकारनि खे सम्मान ड़ियण, खेनि इनाम दियण, सिन्धी साहित्य ऐं संस्कृतीय सां जुड़ियल जगहुनि जूं अभ्यासी यात्राऊं करण लाइ मदद ड़ियण जहिड़ा कार्य चालू कया वया। खास गाल्हि सिन्धी भाषा खे जीवित रखण लाइ सिन्धी जवाननि ऐं बारनि खे सिन्धी सेखारण जा क्लास खोलणु, उनहनि में सवलाई सां सिन्धी सिखण जा सवला कार्स ठाहिणु जहिड़ा उपाय कया वया। इन कमन में मानव संसाधन मंत्री मान्यवर श्री अर्जन सिंह पोइ श्री मुरली मनोहर जोशी सां गदु श्री मुरलीधर जेटले, श्री मोतीलाल जोतवाणी, मानवारा श्री झमटमल वाधवाणी, डा० कन्हैयालाल लेखवाणी, श्री केवलराम मलकाणी, (पांडचेरी जो अगियो गवर्नर), बलदेव मटलाणी, रिटार्यटर्ड जज श्री ईसराणी श्री जेठे लालवाणी ऐं बियनि साराह जोगो योगदान ड़िनो। सिन्धी क्लासनि में सिन्धी सिखण जहिड़े कार्य में पहिरियें सा[illegible] ई वड़ी कामियाबी मिली।1300 विद्याथियुनि [illegible] सार्टीफिकेट परीक्षा में दाखिला वर्ती। मुम्बई [illegible] 500 विद्याथियुनि इम्तिहान ड़िनो। इन 'का[illegible] साधू वासवाणी मिशन (पूना) ऐं सिधाल[illegible] (गांधीधाम) बि सहयोग ड़िनो। लखनऊ में हरी[illegible] मंदिर ऐं शिवशान्ती आश्रम, राजाजीपुर[illegible] आलमबाग में सिन्धी क्लास चालू कया [illegible] जिन में 10 सालनि जे बारनि खां वठी 50 सा[illegible] जे बुर्जगानि हिस्सो वर्तो। अटिकल 200 विद्याथि[illegible] सिन्धी (सिन्धी लिपि) सिखी। इन कार्य में [illegible] ओम मन्दिर जे अगिये सत्संग सेक्रेटरी [illegible] होलाराम थधाणी ऐं संदसि साथियुनि [illegible] लहिणियूं।

पर गुजिरयल साल केंद्र में सर[illegible] बदिलजण ते इहो सब कम ठप थी वयो। [illegible] मानव संसाधन मंत्री श्री अर्जुन सिंह जे अच[illegible] ऐं सिन्धी विकास बोर्ड जे नएं वाइस चेयरमे[illegible] सुरेश केस्वाणीअ जे अचण ते हलंदड सब वि[illegible] कार्य रोकिया वया। हलंदड़ योजनाऊं मह[illegible] कयूं वयूं। इएं छो थियो ? केरु जवाब ड़े ? [illegible] जे बटवारे करे सिन्धी ब़ोली ऐं सिन्धी संस्कृ[illegible] खे जो नुकसान पहुतो उहो चवण ऐं क[illegible] दुखियो आहे। सिन्धी जाति सदियुनि खां प[illegible] सीने ते हमलवारनि जा घाव सही भारत [illegible] गौरव मयी संस्कृतीय जी रक्षा कई। पर देस[illegible] मोके परस्त नेताउनि ऐं सिन्धी नेताउनि जी, हजूरी ऐं गफलत सबब सब खां वधीक ब[illegible] जी पीड़ा सिन्धी जातीअ खे भोगिणी पई। [illegible] कुछ विजाए फटियल दिलियुनि सां पहिंजे ध[illegible] इज्ज़त जी रक्षा लाइ पहिंजी जन्मभूमीअ

जलावतन थी शरणार्थी जो ज़िलत वारो बि॒लो सीने ते अटकाएं सिन्धी हिन्दुनि खे भारत में अची दाणो–दाणो थी भिटिकणे पयो। सिन्धी संस्कृती हिक वट वृक्ष वांगुर आहे। जा असां सिन्धी पाण सां खणी आया सीं। नयी जमीन ते बू॒टो त पोखे सघिजे थो पर खणी आयल सज़ो वणु कीअं लग॒ाइजे पर सिन्धी जातीअ में अहिड़ो को महिनत जो जादू आहे जो बरपटनि में बाग लग॒ाइणु ज॒ाणे। मिट्टीअ मों सोन बणाइण ज॒ाणे। सिन्धी जाती अथक महिनत सां वरी पाण खे वसायो, तरक्की कई। पाण सां गदु॒ मुल्क खे अगिते॒ विकास मार्ग ते वधाइणे में देस वासियुनि सां कल्हो कुल्हां सां मिलाए अगि॒ते वधियां। सिन्धी शरणार्थे मां पुरुषार्थी ऐं पोइ परमार्थी बणिंजी अगि॒ते वधियां। पर अञा ताई असांखे हिते भारत में पहिंजो न थो समिझो वञे। वक्त ब वक्त असांखे घाव था दि॒ना वञनि। कद॒हि चयो वञे थो त सिन्धु शब्द राष्ट्रगान में कढ़ियो वञे। गणतंत्र दिवस ते सिन्धी झांकी न निकरे धर्म रक्षक भगवान झूलेलाल जे जन्म द्री॒ंह ते मोकल न मिलंदी। रेडियो ऐं दूरदर्शन ते सिन्धीअ में प्रोग्राम न दि॒बो। इएं छो ? विधान सभाउनि ऐं लोक सभा में सिन्धयुनि खे एविजो न मिलनि। इएं छो ? केतिरो सहिबो ? सहण जी बि॒ का हद थीन्दी आ ? कहिड़े द्रो॒ह करे असांजी सुञाणप सिन्धी भाषा जे विकास जो रास्तो रोकियो वियो ? सिन्धी विकास बोर्ड जा कार्य छो बंद कया विया ? उत्तर प्रदेश में सिन्धी अकाडमी छो ठप पई आहे ? मध्य प्रदेश में अलग॒ सिन्धी अकादमी छोन आहे ? महाराष्ट्र में जिते अटिकल द॒ह बारह लख सिन्धी रहनि था उते सिन्धी अकादमी खे माली मदद ऐतिरी घटि आहे जो आफीस जो खर्च बि॒ न थो पूरो पवे। अहिड़ो अन्याय छो ?

बु॒धो वयो आहे त सिन्धी विकास बोर्ड जी आफीस बरोदें मां दिल्ली करण जो इरादो थी रहियो आहे। श्री जे॒ठे लालवाणीअ खे डाइरेक्टर जे पद तां हटायो वियो ऐं उन जी जगह ते चार महीना थिया, बि॒यो को बि॒ डाइरेक्टर मुकरर न थियो। छो ? छा को सिन्धी विद्वान कोन्हे जो इहो पद सम्भाले सघे ? ताज़े अहिवाल मूजिब का सिन्धी भेण आरजी तोर मुकरर कई वेई आहे। थियण इएं खपंदो हो बी॒ मुकररी ताईं श्री जेठे लालवाणी खे केअर टेकर जे रूप में कम करण दि॒नो वञे हां। इहो प्रशासनिक नियम बि॒ आहे। सालनि खां विकास बोर्ड जो कम कमियाबीअ सां हलन्दो पए रहियो, उहो ठप थी वयो। इएं छो थियो ? सिन्धी बो॒लीअ कहिड़ो द्रो॒ह कयो ? छा उनजे पुठियां का राजनीतिक चाल त कान्हे ? श्री सुरेश केस्वाणी पुराणो सिन्धी मुदबर नेता आहे। सिन्धी जातीअ लाइ हुनजे मन में प्यारु आहे। बराबर सिन्धी जाति हिक राजनीति विचार धारा जी हिमायती पए रही आहे। पर लोकतंत्र में हर नागरिक खे पहिंजे मत रखण जो अधिकार आहे। अलग विचार रखणु द्रो॒ह त कोन्हे ? पोइ उन जी सज़ा त मिलण न खपे। सिन्धी भाषाअ खे इन लाइ सदिके जी ब॒किरी त न बणाइण खपे। चयो थो वञे सिन्धी विकास बोर्ड जो कमु उर्दू अकादमी जे डाइरेक्टर खे दि॒नो वियो आहे जो लखनऊ में वेठो आहे ऐं पहिंजी उर्दू भाषा जे विकास लाइ योजनाऊं ठाहे उन भाषा जी तरकी करे रहियो आहे। कहि भाषा जी तरकी थिए असांजूं अखियूं थधियूं पर बी॒ भाषा खे नजरअंदाज कयो वञे इहो त वाजिब कोन्हे। जे सिन्धी क्लास हली रहिया हुआ उन्हें चालू कया वञनि इहां असांजी घुर

आहे। क्लास हलाईंदड़ मास्तरनि जा रुकियल मुआवजा बरवक्त ॾिना वञनि। उनहनि मां केतिरां गरीब तबके जा आहिन जिनि हद्दां खर्चे क्लास चालू रखिया हुआ। केतिरा बल्क परचेज जा बिल रोकियल आहिन। जनतंत्र में विचार मतभेद त रहंदो ई आहे। सिन्धी जाती शुरुअ खां जनतंत्र ऐं धार्मिक एके में विश्वास कंदड़ जाती आहे। देस जे सर्व विकास में बराबर भाॻीदार थीन्दी रही आहे। सिन्धी भाषा खे न्याय मिलण खपे।

न्याय मिले उन लाइ असी सिन्धी बि सुजाॻ थियूं। घुरण बिना माउ बि ॿार खे खीरु न ॾीन्दी आहे। माण्हूअ खे पहिंजा अधिकार घुरण खपनि। असां खे डेप्यूटेशन ठाहे श्री अर्जन सिंह, प्रधान मंत्री सां मिलण खपे ऐं सिन्धी विकास बोर्ड जो कम चालू कराइण खपे। श्री सुरेश केस्वाणी खे सिन्धी संस्थाऊं अरीज़ा ठाहे मोकिलिनि लोकसभा ऐं राज्यसभा जे सिन्धी मेम्बरानि सां मिला श्री लालकृष्ण आॾवाणी, श्री चंद लोकसभा में सिन्धी भाषा जे विकास जा सवाल उथारीन। जे उन मां बि कम न थिए त धरणा दियूं, अखबारनि में लेख लिखण खपनि। मतलब असां बि सुजाॻ थियूं। शाह साहब फरमायो आहे।

सुता उथी जाॻ निंड न कजे एतिरी
सुल्तनी सुहाॻ निंडू कंदे न मिलै

कलम ताजोः– जाण पई आहे त सिन्धी विकास में कम चालू थियो आहे। बकाया बिल मोकिलण शुरू थियो आहिन सुठी ॻाल्हि आहे। देर आया दुरस्त आया। पर कम चालू रहे इन लाइ असां बि कोशिश कंदा रहूँ।

तारीक 31.12.2005

अशोक शर्मा
मुख्य सम्पादक

लखनऊ जी आध्यात्मिक चिट्ठी

शिव मूर्ति सखी बाबा आसूदाराम जे 45वें निर्वाण दिवस ते लखनऊ जे आलमबाग क्षेत्र में शारदा नहर जे किनारे ते वसियल शिव शान्ती आश्रम में भॻिती, ज्ञान ऐं निष्काम कर्म जी त्रिवेणी पेई वहे। इन पवित्र संगम में 15 सेप्टेम्बर खां 18 सेप्टेम्बर ताईं हिन्दु सिन्धु मां आयल हजारें भाउर भेनुरुनि अची ज्ञान गंगा, भॻिती यमुना ऐं निष्काम कर्म रूपी सरस्वतीअ जे संगम में टुॿियूं ॾिनियूं ऐं पहिंजो जीवन सफलो कयो।

हर साल वांगुर हिन साल बि इन पवित्र मोके ते देस विदेस मां सवें प्रेमी आया, संत महन्त पधारिया, विद्वान ऐं कथावाचक आया, गायक ऐं कीर्तन मंडल अची शामिल थिया। जिन पहिंजी मिठड़ी वाणी सां सखी बाबा जे चरणनि में भावनाउनि जा गुल चाढ़िया।

15 तारीख सुबह जो अमृत वेले में विशाल प्रभात फेरी निकती। हिन अनोखे नगर कीर्तन में सवे भाउर भेनुर शामिल थिया। जगह जगह ते प्रभात फेरीअ जो जोॻो सत्कार थी रहियो हो। अमृत वेलो निर्मल नाम कीर्तन, संतन जा टोला सिक भरियल जनता जा चेहरा, मथां जणु देवताउनि जी आसीस पए वरिसी, हेठि जवाननि जा टोला दोकाला खणी छेज पाए रहिया हुआ। ठीक 10 बजे हवन थियो। 12 बजे गुरुग्रंथ साहिब जो अखंड पाठ रखियो वयो। पोइ ब्रह्मभोज ऐं अखंड भंडारो। शाम जो 7 बजे नित्य रहरास साहब जो पाठ संतनि जूं आर्तियूं। पोइ सॼी रात कीर्तन कथा, संतनि जा प्रवचन ऐं गायक कलाकारनि

जा मधुर आवाज़ में भजन। सुबह जो 6 ताई बराबर इहो दिव्य कार्यक्रम चालू रहियो। इहो सिलसिलो टेई ड्रीह हलंदो रहियो इन मोके ते खास तोर अमरावती दरबार मां साई मनोहर लाल (पहिंजी कीर्तन टोलीअ सां) हरिद्वार मां संत साईं डा० गंगादास (जगुतराम दरबार) वसण दरबार (कल्याण), मधुर मूर्ति साईं श्रीचंद साहब (डबरा) फेजाबाद दरबार मां श्री श्रीचंद, डबई मां आयल सदाबहार गायक ईश्वर आडवाणी, भावनगर मां प्रीतमदास भगत, बनारस मां रांझो भगत ऐं ब्रियनि नगरनि मां गायक आयल हुआ जिनि टेई ड्रींह हाजुर संगत जो मन पए मोहियो। इन मोके ते मुम्बई मां प्रसिद्ध साहित्यकार (सिपूं जो सम्पादक) श्री ठाकुर चावला ऐं संदसि गायिका पत्नी पारु चावला उल्हास नगर मां श्री टेकचंद मस्त, डा० लता टहिल्याणी दिल्लीअ मां भेण वीना श्रंगी, शालिनी सागर, बनारस मां भाउ विशिनदास रूपाणी (सिन्धी चेतना जो सम्पादक) ऐं ब्रिया विद्वान, जन सेवक पधारियल हुआ। श्री ठाकुर चावला हीउ महामेलो ड्रिसी उमंग में अची चयो। दिलि थी चवे मुम्बई मां लडे अची लखनऊ वसायां। हिति लखनऊ में छा न आहे ?

16 तारीख उत्तर प्रदेश सिन्धी सभा पारां उ० प्र० जे पंचायुतिनि जे मुखी साहिबान जो मेरु ब्रि कोठायल हो जिते सिन्धी समाज जे समस्याउनि ते वीचार कया विया। मुखी साहिबान जो सिन्धी सभा ऐं संतनि पारां सम्मान कयो वयो। इन मोके ते सिन्धी सभा ज़े अधिकारियुनि श्री मोहन दास लधाणी, श्री मुरली धर आहूजा, नानकचंद लखमानी प्रकाश आडवाणी ऐं ब्रिया कार्य कर्ता आयल हुआ।

टेई ड्रीह आम भंडारो रात ड्रीहु चालू हो। बहिरां आयल अटिकल 4 हजारनि मेहमाननि ऐं मकानी संगत जी सेवा में अटिकल हिक हजार सेवाधारी 24 कलाक सेवाकार्य में जुटियल हुआ। मेहमाननि जे खाधे पीते, चाय नाश्ते, रिहाइश जो तसकीन जोग़ो बन्दोबस्त थियल हुओ। इन मोके ते 15 तारीख संत बाबा आसूदाराम अरोग्यधाम अस्पताल जो उद्‌घाटन भी थियो। अटिकल 50 लखन जे खर्च में ठहियल अस्पताल संतनि पारां जनता खे अपर्ण कई वेई।

हिन अस्पताल में एलोपथी, होमोपथी जो इलाज थीन्दो। फिजियोथ्रेपी, अल्ट्रासाऊंड, एक्सरे, ओ.पी.डी. पैथालाजी जो प्रबन्ध आहे। हिन संस्थान जा अध्यक्ष साईं मोहन लाल (संत श्रोमणी साईं चांडूराम जा वडा सुपुत्र) सेक्रेटरी श्री प्रभु दयाल खजांची भाउ भगवान दास ज़ी आहिन।

हिन आरोग्यधाम जे निर्माण में सजे प्रदेश जी ऐं लखनऊ जी जनता सहयोग ड्रिनो आहे। सहयोगी भाउरनि मां के खास आहिन सर्वश्री मोहन लाल लधानी, मुरलीधर आहूजा, सुंदरदास खत्री, डा० घनश्याम, डा० हरीलाल (पन्नो आकिल सिन्ध) डा० अर्जनदास (रायगढ़) ऐं ब्रिया सज़ण।

हिन सजे वर्सी महोत्सव, अरोग्यधाम जा प्रेरणादायक आहिन संत श्रोमणी साईं चांडूराम संदनि ब्रई सुपुत्र साईं मोहन लाल, साईं हरीश लाल आश्रम जा सेक्रेटरी सदाबहार ऐं सदा तैयार साईं किशिन लाल। जिन जे पवित्र चरणनि में बार बार प्रणाम, अदब जा सलाम।

हिन मोके ते सिन्धु माँ डा० हरीलाल जी अगिवानी में 75 शेविकनि श्रद्धालुनि भाउर–भेनुरनि जो जथो ब्रि पधारियल हो।

सम्पादक

कहाणी :–

मुसाफिर खाने में

लेखक :– सुंदर अगनाणी

नोतनदास ॾुकंदर हथनि सां जीअं तीअं करे पुट खे चिट्ठी लिखी। चिट्ठीअ में ॿियो कुझु ॿि कोन हो सिरफ एतिरो त :–

तुहिंजी माउ सख्त बीमार आहे। लॻे थो कुझु ॾींहनि जी मेहमान आहे। हूअ मरण खां अॻु चाहे थी त तोखे हिक दफो ॾिसे। हूअ बि तोखे भरिया टे साल थी बिया आहिन त घर कोन आयो आहीं। एकान्त में वेही साचीन्दें त तोखे महिसूस थीन्दो त हिन घर में तूं नंढे खां वठी वॾो थिएं ऐं माउ जे हंज ऐं पीउ जे रहिन्माई हेठि पढ़ी पलिजी एॾे वॾे ओहदे ते पहुंतो आहीं। उन खे फर्जु न त माउ पीउ जो कर्जु समिझी पहिंजी माउ खे शिकिल ॾेखारण ज़रूर अचु। अकेलो औलाद आहीं। माउ खे मोह जे बन्धन में जकिड़े रखियो अथेई। खेसि शिकिल ॾेखारे मुक्ती ॾेई वञु।

रमेश चिट्ठी पढ़ी। पहिरियां ॿटे ॾींह त सरला सां ॻाल्हि कोन कयाई पर पोई दिलि ते बोझ महिसूस करण लॻो। सोचियाई हिन दफे ॿारनि खे मसूरी घमाइण बदिरां माउ वटां थी अचां। हिन सरला खे पीउ जी चिटठी पढ़ी ॿुधाई। जीअं ई हुन सरला खे चिट्ठी पढ़ी ॿुधाई। हूअ तपी बाहि थी वेई।

मस मस ॿिनि सालनि खां पोइ मसूरी घुमण जो प्रोग्राम ठहियो आहे त तवहां हींअ वरी मनहूस चिट्ठी खणी वेंठा आहियो। ॾिसो बिन्ही ॿारनि में केतिरो त उत्साह आहे। गुज़िरियल ॿिनि महिननि खां तैयारीअ में लॻा पया आहिन। ॿारनि जा ऐं मुहिंजा ॿि त के अर्मान हून्दा जेकदहिं अवहां खे माउ पीउ वटि वञिणो आहे त असां खे मसूरीअ घुमाए पोइ हिक ॿ ॾींह हलिया वञिजो।

"पर सरला अम्मा सख्त बीमार आहे.......

तवहां जी माउ त गुज़िरियल 6 महिननि खां बीमार आहे। जिते हेतिरो वक्त कढियो अथाई उते महीने अधु में धरती आसमान हेठि मथे कोन थी वेंदो।

"पर सरला................"

तवहां समिझण जी कोशिश करियो मसूरीअ लाइ ओट मोट जूं टिकेटूं ॿ महीन अॻ रिजर्व करायूं अथव। उनहनि खे रद्द कराइणो पवंदो ऐं जयपुर लाइ असांखे बिना रजर्वेशन जे सेकंड क्लास दॿे मे धिका खाई हलिणो पवंदो। उते असी चार ॼणा बिनि कमिरनि बारे घर में कीअं मापंदासी ? ॿार त जिनसी बीमार थी पवंदा प्रेक्टीकल थियो मुहिंजी सलाह मञो। असांखे मसूरी घुमाए पोइ तवहां थी अचिजो। फिलहाल चिट्ठीअ जो जवाब न ॾियो। इएं समिझो ॼणु तवहां खे चिट्ठी मिली ई कान्हे ?

रमेश लाइ ॿियो को चाढ़ो कोन हो। हिन खे ॿियो कुझु कोन सुझियों ऐं लाचार सरला जी सलाह मञिणी पेई। खेसि लगो त जंड जे ॿिन पुंड़नि जे विच में फाथल आहे। हेठियों पुडु संदसि माउ आहे ऐं मथियों पुडु संदसि ज़ाल आहे। जंड जो हेठियों पुडु जेतोणीक ॻरो थीन्दो आहे पर हिक हंध पयो हून्दो आहे ऐं मथियों पुड़ हल्को हूंदो आहे ऐं हल्को पुड़ हून्दे ॿि उबितो सुबितो फिरी सघंदो आहे। जंड जो पुड उबितो फिरी रहियो आहे या सुबितो इहो हू तै करे न सघियो। हुन पीउ खे चिट्ठीअ जो जवाब कोन दिनो ऐं रिथियल प्रोग्राम मोजिब ज़ाल ऐं ॿारनि खे मसूरीअ घुमाइण वठी वयो। ॿार मसूरी घुमण ऐं हेठि मथे पहाड़ लहण चहण, आबशार ॾिसण चाइनीज़ ऐं ॿिया तरह तरह जा सवादी खाधा खाइण में ॾाढा खुशि हुआ। खेन पतो ॿि कोन होत संदनि ॾाॾी सख्त बीमार आहे । हूंअ ॿि ॾाॾे–ॾाॾीय खे घटि सुञाणंदा हुआ। ॿार नंढा हूंदा हुआ त साल ॿि साल रमेश हुननि खे पहिंजे माउ पीउ वटि जयपुर घुमाइण वठी वेंदों हो पर हाणे ॿ ॿ टे टे साल पइजी वेंदा अथनि। ॾाॾे ॾाॾी जी यादि त ठहियो

खेनि सांभरि ब़ि कान हुई। बई ब़ार द़हनि ब़ाढ़नि सालनि जा थिया आहिन। जद़हि ब़ारनि खे स्कूल जी वैकेशन मिलंदी आहे तद़हि ई माउ पीउ सां गदु ब़ाहिर निकरी सघंदा आहिन। वैकेशन लाइ रमेश अग़ियां अनेक प्रोग्रामनि जी लिस्ट हूंदी आहे, ब़ारनि खे हिल स्टेशन घुमाइणु, नानाणे वठी वञणु वगैरह इन मां चूंडे तै करणो पवंदो आहे त के द़ांह वञनि। उन में द़ाद़ाणनि जो नम्बर आखिर में ईन्दों आहे। हर उम्र में हर माण्हू ऐं हर रिश्ते खे अलग़ अलग़ अग़िरायूं (Priorities) आहिन। इंसानी रिशितनि जा मुल्ह तेजीअ सां किरी रहिया आहिन। केतिरा रिश्ता त खतम ई थी विया आहिन ऐं बाकी जेके थोड़ा घणा वञी बचिया आहिन उनहनि खे ब़ि जेकद़हि केर चङी तरह सां नथो निभाए सघे त उहे केतिरा ब़ि गहड़ा ऐं वेझो ऐं नज़दीक छोन हुजे, उनखे मज़बूत ऐं लग़ातार काइम रखण लाइ निपाइणो पवंदो आहे। रिश्तनि जी ठीक उन तरह सां परिवरिश करणी पवंदी आहे जीअं माली बाग में बूटे खे वक्त सर भाण ऐं पाणी दीन्द़ो आहे। रिश्तो चाहे माउ पीउ पती पतनीअ जो छोन हुजे, उन खे हक में मिलयल मुफत जी जागीर समिझी न हलिजे। हर रिश्ते, खे पहिजी पहिंजी अहिमियत आहे ऐं उन खे निपाइण ऐं निभाइण जां अलग अलग तरीको आहे। इन्सानी रिश्तनि खे काइम रखण लाइ इहो समझण बिन्ह जरूरी आहे। पर मौजूद युग में इहो सब समिझण ऐं करण लाइ शायद ई माणुहुनि खे वक्त आहे। इन करे हर रिश्ते जीं तन्दु ढिली थीन्दी पई वञे ऐं हू जिंदगीअ जी डोरु में अग़िया हून्दे ब़ि अंदर में पाणखे हारायल महिसूस कंदा आहिन।

रमेश, सरला ऐं संदनि ब़ारनि खे यादि आयो त रस्ते तें हरिद्वार आहे। छोन उते ब़ि स्नान करे हलिजे। स्नान करण बैद हू हरिद्वार रेलवे स्टेशन ते दिल्लीअ वारी गाद़ीअ जे इंतजार में फर्स्टक्लास वेटिंग रूम में वञी वेंठा। अचानक रमेश खे परियां सेकंड क्लास वेटिंग रूम में संदसि पीउ नज़र आयो। पीउ खे द़िसी हू वाइरो थी वयो। समिझी कोन सघियो त बाबा बीमार अम्मा खे छद़े हिते छो आयो आहे। खेसि विश्वास ई कोन आयो। पक करण लाइ सेकंड क्लास वेटिंग रूम वेझो वञी द़िठाई त वाकेई संदसि पीउ हो। संदसि अखियूं बंद हुयू। रमेश जूं वायूं बताल थी वयूं। समझी कोन सघियो त हाणे छा करे। हिन जे मन में अनेक विचार तेजीअ सां डोरण लग़ा त हू पीउ वटि वञी खांउसि पुछे त हरिद्वार कीअं आया आहियो, सरला खां सलाह वठी ब़ियो कदम खणे या कहिं सां ब़ि ग़ाल्हि न करे चुपचाप उतां खिस्की वञे, जणु हुन पीउ खे द़िठोई कीन हो ऐं मुम्बई वापस पहुंची पोई पीउ खे फोन करे। संदसि विवेक खेसि वढ विझी रहियो होत हीअं पीउ खे द़िसी खिसकी वेंदो त सज़ी उम्र खेसि हिक द़ोहारीअ जी ज़िंदगी जीअणी पवंदी। ज़हि द़ोह लाइ हू पाणखे कद़हि माफ न करे सघंदो। सो हिन पीउ खे धूंधारे जाग़ायो। "बाबा तवहां ओचितो हिति हरिद्वार में कीअं आया आहियो ?" रमेश पुछियो। पिणसि अचांनक छिरिक भरे उथियो। हू पहिरी त समिझी कोन सघियो त खेसि बाबा चवण वारो हरिद्वार में केरु आहे। अखियूं महिटे द़िठाई त संदसि साम्हू संदिस पुटटु रमेश वीठी आहे। चंद सेकंड हू कुछ ब़ि न ग़ालहाए सघियो। हुन उथी खीसे में चश्मो कढी अखियुनि ते पातो ऐं पक थियसि त साम्हू बीठल माण्हू संदिस पुट रमेश ई आहे। रमेश वरी पंहिजो सवाल दोहरायो "बाबा तवहां हिते हरिद्वार में।

गुजिरल हफते तुहिंजी माउ गुज़ारे वेई। मूं तोखे बरवक्त बम्बई फोन कयो पर कहिं ब़ि कोन खयों। तार कयमि उन जो बि को जवाब कोन आयो। पोई तुहिंजी आफीस में फोन कयुमि। पतो वयो त तूं ब़ारनि समेत बम्बई खां ब़ाहिर हलियो वयो हुएं। माण्हें जो अग्नि संस्कार पाड़े वारनि कयो ऐं मां आसरो पले वेही रहियुसि।

तुहिंजी माउ मरण वक्त चयो हो त मुहिंजू हाठिंयू ब़ियो केरु न पर तवहां पाण हरिद्वार वञी गंगा में परवान करे उते ई सब क्रिया कर्म करे अचिजो। घणी तकलीफ न वठिजो। कहि बि मिट माइट खे मुहिंजे मौत बाबत न लिखिजो। पहिंजो अकेलो औलाद ई कोन आयो त ब़ियनि खे कहिंड़ी मयार ड़ीन्दा। पहिंजी सेहत जी खयाल रखिजो। पाण खे ईश्वर भगतीअ में लीन रखिजो। मां लछिमी तुहिंजे माउ जी आखिरी इच्छा पूरी करे आयो आहिया। बाकी त हूअ अनेक इच्छाऊं अंदर में सांढे हली वेई।

रमेश जे अखियुन मां झर झर करे पाणी वहण लग़ो। "पर बाबा..........कुझु ब़ि न चउ। मां समिझी सघां थो त तूं छा चवण चाहींदें। चवण लाइ तूं अनेक ग़ाल्हियूं चवण चाहींदें उहे सब सचु ब़ि हूंदियूं पर 'करण' लाइ मूं तुंहिंजे माउ जो समूरो क्रिया कर्म करे छदि़यो आहे। जेको तोखे करिणो हो। जेका शैइ वञिणी हुई सा हली वेइ। इंसानी रिश्ता जमण सां पैदा थियनि था ऐं मरण सां खतम थी था वञनि। मां तुहिंजी माउ जे रिश्ते खे गंगा में परवान करे आयो आहियां। तूं चुपचाप पहिंजे रिथियल प्रोग्राम मोज़िब जेदां़ह ब़ि वञिणो अथेई, हलियो वञु। कहिं खे ब़ि न ब़ुधाइजि त तूं को मूंसां हिते हिन वेटिंग रूम में गदि़यो हुएं।"

पर बाबा............ साम्हो फर्स्ट वेटिंग रूम में सरला ऐं ब़ार ब़ि वेठा आहिन। उनहनि सां कोन गदि़जंदा ?

"बिल्कुल न। उनहनि सां हिन असांजी इतिफाकी गदि़जाणीअ जी ग़ाल्हि ई न कजि। रिश्ते जी पहिरी ग़ंढि त तुहिंजी असां माउ पीउ जे विच में हुई। ब़ियूं गंढियूं त पोइ शुरू थियूं उहे पकियूं ई न रही सघियूं आहिन। जेका गंढि पक्की ई न रही सघी उन ते मयार कोन आहे।

पर बाबा तवहां खे हिते हीअं छदे़ तूं मुहिंजो को बि फिक्र न करि। मां मज़बूत इंसान आहियां तदहि त ही सब कुछ करे सघियो आहियां मुहिंजी गाडी़ सिधी आहे। मां जयपुर [illegible] फहिलयल जिंदगीअ खे समेटण लग़ंदुसि। [illegible] त हूंअ ब़ि उम्र अनुसार जिंदगीअ खे समे[illegible] घुरिंजे हा। पर तुहिंजी माउ जो साथु हो[illegible] लग़ंदो हो त हाणे आज़ाद आहियूँ। खूब घुमंदा[illegible] फिरंदासी। वरी वापस जवानीअ वारी जिंदगीअ[illegible] मोटी ईंदासीं, पर इहो असांजो भ्रम हो वि[illegible] वक्त कदु़हि ब़ि वापस कोन ईंदो आहे। [illegible] हकीकत जो अहिसास असांखे थियो ई की[illegible] जिंदगी जुज़बात सां न पर हकीकत सां जीअ[illegible] पवंदी आहे ऐं हकीकत मुहिंजे साम्हूं आहे। अ[illegible] ब़ई पीउ पुट हिन मुसाफिर खाने में गदि़या आहियू[illegible] ...."

चड़ो पुटु। जल्दु ई वञु........तकड़ि [illegible] कजो.........सम्भाले गाडी़अ में चढ़िजो........"

रमेश जूं अखियूं गोढनि सां भरिजी आयू[illegible] हू आहिस्ते आहिस्ते वेटिंग रूम मां ब़ाहिर निकि[illegible] वयो।

बम्बई जी गाडी़अ में वेहण खां पोइ [illegible] जोर सां रोअण लग़ो सरला वाइरी थी पुछिय[illegible] "छा थियो ? रोओ छो था ? ब़ुधायो न पर रमे[illegible] छा चवे, ब़ार ब़ि वाइरा........सरला हथु पकि[illegible] पुछियुसि छा थियो आहे ब़ुधायो न ?" अम्[illegible] गुज़ारे वेई...........वरी रोअण लग़ो अम्मा गुज़ारे वे[illegible] कीअं था चओ ?

बाबा स्टेशन ते गदि़यो हो तहिं ब़ुधायो......

सरला ब़ि वाइरी थी वेइ पोइ तवहां मूं[illegible] बुधायो कोन। हाणे..........

"बाबा मना कई। रमेश सज़ी ग़ाल्हि खे[illegible] बुधाई.............सरला जूं अखियूं ब़ि भरिजी आयूं[illegible] संदसि चहिड़ो पछिताब सां भरिजो वियो......"

असां जयपुर हलंदासी"

हाणो छा हली कंदासी ? ....। [illegible] हलंदासी बाबा खे वठी अचण............।

पतो–इ–26, साकेत कालोनी[illegible]
आदर्श नगर, जयपुर 30200[illegible]

लखनऊ जे हिक लाखीणे लाल, महान् समाज सेवक सिंधु रत्न सेठ झामनदास जोतवाणीअ जी भव्य प्रतिमा (मूर्ति) जो उद्घाटन



सेठ झामनदास जोतवाणी लखनऊ जी सिन्धी जातिअ जे सिरमोर सामाजिक कार्यकर्ता, शिक्षा जे प्रचारक, निःस्वार्थ राजनैतिक नेता जी भव्य मूर्तिअ जो उद्घाटन ता० 28.11.2005 ते लखनऊ शिव शान्ती आश्रम जे पीठाधीश संत साई चांडूराम ऐं लखनऊ जे मेअर मानवारे डा० एस. सी राय जे मुबारक हथनि सां सिन्धु भवन मवैया जे भरिसां पानदरीबा क्षेत्र में थियो।

हिन शुभ मोके ते केतिरा सिन्धी ऐं गैर सिन्धी नेता, मुखी साहबान ऐं ॿिया गणमान्य शहरवासी भाउर ऐं भेनुर आयल हुआ। संत श्रोमणी साई चांडू राम जन पाण अची उत्सव जी शोभा वधाई। डा० नारायण सिन्धी, प्रसिद्ध उद्योगपती श्री मुरली धर आहूजा रोहिड़ी पंचायत ऐं ॿियनि संस्थाउनि जा कार्यकर्ता बि आयल हुआ।

पानदरीबा क्षेत्र जे सभासद श्री राम गोपाल जैसवाल जे शुभ प्रयास सां सेठ झामनदास जी प्रतिमा जी स्थापना थी। लखनऊ सदर जा विधयाक श्री सुरेश चंद्र तिवारी ऐं सिन्धी सभासद श्री नानक चंद लखमानी बि हिन शुभ कार्य में सरगरम बहिरो वर्तो। इन खां सवाय क्षेत्र जे अनेक रहिवासियुनि उत्सव में शरीक थी श्री जोतवाणी लाइ पहिंजी श्रद्धा जाहिर कई ऐं संदसि क्षेत्र जे भलाई लाइ कयल कमनि खे सिक सां यादि कयो। इन मोके ते लखनऊ जा डिप्टी मेअर बि शामिल थिया।

सिन्धी गुलशन जे पूर्व सम्पादक ऐं बाबा ठाकुरदास हाई स्कूल जे पूर्व प्रधानाचार्य श्री राधाकृष्ण आलमचंदानी श्री झामनदास जोतवाणी जे अलग अलग क्षेत्रनि में कयल सेवाउनि जो जिक्र कयो।

स्थानीय सभासद श्री रामगोपाल जैसवाल, श्री तिवारी ऐं ॿियनि सेठ जोतवाणी जे सेवाउनि खे यादि कयो। लखनऊ जे मेअर डा० एस.सी राय चयो ही कार्य घणो अगु थियण खपंदो है।

वरी बि अवहां जे सद प्रयास ऐं संतनि जी आसीस सां सम्पन थियो। श्री मुरलीधर आहूजा बि श्रद्धा जा गुल चाढ़िया आखिर में संत साई चांडूराम जनि फरिमायो त जन सेवा ही ईश्वर सेवा आहे। अहिड़ा सत्पुरुष अमर थी वैदा आहिन। सेठ झामनदास जो सुपत्र श्री हरीश जोतवाणी ऐं बिया परिवार जा सदस्य बि उत्सव में शामल थिया। सभा जी कार्यवाही सिन्धी सभासद श्री नानक चंद सुहिणे नमूने सां हलाई।

सेठ झामनदास जोतवाणी जो संक्षिप्त जीवन परिचय।

1. श्री झामनदास जोतवाणीअ जो जनम 22-4-1914 में रोहिड़ी (सिन्धु) में हिक इज्जतदार परिवार में थियो हो। सिन्धु में हू कांग्रेस जो कर्मठ कार्यकर्ता हो। मुल्क जे दुखद बटवाड़े संदसि जीवन ऐं वीचार धारा में वॾो फेरो आन्दो। 6 जनवरी, 1948 में हू कराची (सिन्धु) में हो जहिं ॾींह केतिरनि सिन्धी निर्दोष हिन्दू परिवारनि खे लुटियो ऐं मारियो वियो हो। सौभाग्य सां जोतवाणी साहिब हुन लुटमार मां सलामत बची लखनऊ आयो। हू महिनती त हो। रेलवे जे ठेकादारी कार्य में खेसि वॾु मिल्यो पहिंजी लगन सां हिन धंन्धे में जल्दी चढ़दो वियो। इलाहाबाद जी शान्दार रेल्वे स्टेशन जी इमारत जे अॾण में संदिस खास हथु हो।

2. राजनीति जे क्षेत्र में हुनजी रुचि जनसंघ में हुई। इन खां अॻुहू राष्ट्रीय स्वयं सेवक संघ जो सदस्य बणियों जल्दी हू इन संगठन ज़ो मुख्य कार्यकर्ता ऐं प्रचारक जे पद ते पहुंतो लखनऊ नगर महापालिका
पहिरियो सिन्धी सभासद बि चूंडियो व

3. लखनऊ में सिंधी विद्या समिति सां संब
सम्बन्ध गहिड़ो हो केतिरा साल हू ब
ठाकुरदास हाई स्कूल जे मैनजर जे पद
रहियो। विद्यालय जी नयी इमारत जे निम
में हुनजो घणो योगदानहो।

लखनऊ जी रोहिड़ी पंचायत ऐं बिय
सामाजिक संस्थाउनि सांबि हुनजो घ
सम्बन्ध हो। इन्टरनैशनल रोटरी क्लब
बि मेम्बर हो। ही संस्था मानवी सहाय
कार्यनि में बि जुटिड़ल आहे।

4. 1975 जे इमरजंसी जे वक्त में हुन जे
यात्रा बि कई। संदसि निवास स्थान बस
भवन पानदरीबा में संघ जो केन्द्र ह
श्रद्धेय गुरु गोलवालकर, अॼो को प्रधानमं
श्री अटल बिहारी बाजपाई, उ. प्र. जो भू
मुख्य मंत्री श्री राम प्रकाश गुप्ता ऐं बि
महान नेता संदसि मकान बंसत भवन
प्रायः अतिथि बणिजी ईंदा हुआ। लखन
सिन्धु समाज जो हो मानवारो मुर्बी (Patro
हो। पहिंजे हिक उत्सव में सिन्धू समा
खेसि सिन्धु रत्न जी उपाधी ॾेई सम्मानि
कयो।

5. सेठ झामनदास जोतवाणी लखनऊ सिन
समाज जो हिकु लाखीणो लाल हो।
सालनि जो लम्बी उम्र
ता० 11.4.2003 राम नवमी जे शुभ ॾ
ते संदसि दुखद स्वर्गवास थियो।

मिटीअ जी महक

खून जे रिश्ते ऐं धर्म जे रिश्ते वांगुर मिटीअ बोलीअ जो रिश्तो बि मधुर थीन्दो आहे। परदेश को हमवतनी सागिए धर्म या सागए बोलीअ जो ल्हाईदड़ मिले त ज़णु को मन ज़ो मीत मिलयो। ल बाग बाग थी वेंदी आहे।

मंगल 20 सेप्टेम्बर 2005 ते लखनऊ जी सर मीन ते शिव शान्ती आश्रम में जदहि हमवतनी न्धी बोलीअ जे साहित्यकारनि, गायक, कला–ारनि ऐं, समाज सेवी 32 सज़णनि जो जथो हुतो त खेनि दिसी दिलि ठड़ी पेई। अखियूं लकण लगियूं। जथे में के भेनुरुं बि हुयूं। न्धी कौंसिल आफ इंडिया जे अध्यक्ष श्री सुरेश स्वाणीअ हिन दल जे भारत दोरे जो आयोजन यो हो। जथे में सिन्ध जा मशहूर कवि, विद्वान, खक ऐं समाजसेवी भाउर भेनरु शामिल हुआ। थे जे अगिवान जनाब कमर शहबाज़ खां सिवाय नाब हमीद सिन्धी, शौकत हुसेन शोरो, हुसेन, सेन शाह रशीदी, कलाकार मज़हर हुसेन, सादिक कीर, श्रीमती ज़रीना बलोच ऐं बिया अदीब ऐं लाकार शामिल हुआ।

जथे जे आजियान में श्री सुरेश केस्वाणी चयो सिन्धु जी धरती तहज़ीब अमन ऐं भाईचारे जी ज़ाणप आहे। सिन्धु जी धरती पवित्र धरतीअ ते सार जे आदी ग्रंथनि वेदनि जी रचना थी। भ्यता जे सूर्ज जी पहिड़ी रोशिनी फैली। भले उहां प़वित्र धरती जिस्मानी तोर असां लाइ राहें देह में आहे पर उन जी रूहानी छिक, टीअ जी महक ऐं फेलसूफीअ जा भाव असांजे स नस में समायल आहिन।

जथे जे नेता कमर शहबाज फरमायो त असां ते अची महिसूस था करियूं त असां हम–तनियनि जे बाजुनि में आहियूं। अवहां जे प्यार ं दिलियूं भरियल आहिन। असां हजारें साल दु रहियां आहियूं रुहानी तोर असां सब गदु ाहियू सिन्धयत असांजो सच्चो मजहब आहे, धर्म ाहे। इन रिश्ते सां असां हिक माउ जा ज़ायल आहियूं। इन खां वधीक को पवित्र रिश्तो थी कोन थो सघे। मां सिन्धु मां अवहां लाइ प्यार जो पेग़ाम खणी आयो आहियां। सिन्धु माता जी दुआ खणी आयो आहियां। कबूल फरमाईंदा।

मां चाहियां थो त भारत, सिन्ध ऐं दुनिया जा सब सिन्धी सिन्धु जी तहज़ीब, सिन्धी बोलीअ जो अदब (साहित्य) जी तरकीअ जे राह ते गदु रहूं। असां सिन्धु में सिन्धी बोलीअ जे वाधारे लाइ जुटियल आहियूं। मां चाहियां त हिति हिन्दुस्तान में वसियल सिन्धी बि सिन्धी बोली जे वाधारे लाइ वधीक कोशिश कनि। असां फखुर सां पाणखे सिन्धी सदायूं। पाण में मिलण ते पहिजाइप जो इजहार कयूं जीअं असांजा पोयां बि सिन्धी सदाइण में फखुर वठनि, मिलण ते भाइपीणे जो अहिसास कनि।

जथे में शामिल थीन्दड़ भाउर भेनुरनि जो शिव शान्ती आश्रम जे पीठाधीश साई चांडूराम जनि पाखर पाए खेनि आसीस कई ऐं मान दिनो। स्वागत जलसे में लखनऊ जा सवे भाउर भेनुरुनि शामिल थी हमवतनियुनि जो आदर कयो। जिनि में खास हुआ श्री मोहन लाल लधाणी, श्री मुरली धर आहूजा, विधान परिषद सदस्य श्री मोहन लाल खट्टर, श्री नानकचंद, समाजवादी पार्टी जो श्री प्रेम कृपालाणी ऐं बिया कार्यकर्ता।

ही जथो भारत जे बियनि नगरनि कानपुर, आगरा, हैदराबाद, मुम्बई जो दौड़ो करे 4 अक्तूबर ते दिल्ली में सांस्कृतिक जलसे में शामिल थियो जिते सिन्धु हिन्दु जे कलाकारनि जो गदियल प्रोग्राम थियो।

58 सालनि जे वदे अरसे खां पोइ सिन्धु हिन्दु जा साहित्यकार, कलाकार, समाजसेवी पाण में मिल्या ऐं सिन्धी एकता जो इकरार कयाऊं। शल अहिड़ा मेलापी मेड़, दौड़ा थीन्दा रहनि जीअं बिनि मुल्कनि जा रिश्ता अञां बि मधुर बणजनि।

सम्पादक

कहाणी :–

फर्ज़ जे सदके

ले. वलीराम कि

मिस सक्सेना।

येस सर।

मंत्री महोदय कु. सक्सेना जे हथ में फाईल ड्रींदे चयो "बन्दरगाहन जे खोटाईअ वास्ते ड्रेजर घुरबलु आहे। इन लाइ केतिरियुनि ई देस विदेस जे कम्पनियुनि टेंडर भरिया आहिनि, जेके हिन फाईल में आहिनि। तव्हां समूरा तफसील तपासे पहिंजी रिपोर्ट हिक हफ्ते अन्दर ड्रिजो। ऐं हा, मां कुझु ड्रीहनि लाइ इंडोनेशिया वञी रहियो अहियां। मोटी अचां तेसीं तव्हांजी रिपोर्ट त्यार हुजे।"

"ओ.के. सर।" कु. रेखा सक्सेना फाईल खणी सिधो पहिंजे चैम्बर में आई। हूअ हिक नौजवान I.A.S. आफीसर हुई ऐं शिपिंग मंत्रालय में अन्डर सेक्रेटरी हुई। मंत्री महोदय जी हूअ विश्वास पात्र अफसर हुई। मंत्री अकसिर पेचीदा तोड़े मुखफी केस कु. सक्सेना खे ई तपासण लाइ ड्रींदो हो, जिनि जो ऊन्हो अभ्यास करे हूअ पहिंजी रिपोर्ट वज़ीर साहिब जे अग्रिया पेश कंदी हुई।

मिस सक्सेना, फाईल जा पना उथलाईंदे ड्रिठो त केतिरियुन ई फर्मुन कोटेशनस् मोकिलया हुआ, जिनि सां गडु मशीनरी जे जुदा जुदा हिस्सनि जा फोटा, ड्राईन्गस ऐं पुर्ज़नि जे मज़बूतीअ बाबत तफसील पिणु ड्रिनल हुआ। हूअ अञा फाईल खे उथिलाए रही हुई त मोबाइल ते रिंग वग्री। रेखा समझी वई त फोन राजन जो ई हूंदो। हूअ राजन सां मंङियल हुई ऐं ईंदड़ ड्रियरीअ ते शादी थियणी हुई। राजन वकालत कंदो हो। हुन जो इहो नियम हूंदो हो जो पंहिंजी रेखा राणीअ सां मोबाइल ते ब्रटे मिठिड़ियूं ग्राल्हियूं करे पोइ ई कोर्ट में वेंदो हो। रेखा मोबाइल कन ते रखंदे "हलो" चयो।

"रेखा, ईदड़ आर्तवार ते मारुती हाल में जग्रजीत सिंघ अरोड़ा जे संगीत प्रोग्राम जूं ब टिकेटूं बुक करायूं अथम......... शाम जो छहें .... तूं त्यार हुजजां..... मां तोखे पिकअप ईंदुस.... नो........ नो बहानेबाज़ी...... ओ.के. । ब

ब्रिए ड्रीहं रेखा अञा घर में ई हु नोकिर्याणीअ अची ब्रुधायुस त को माण्हूं तव्ह गड्रिजण थो चाहे। रेखा ड्राईंग रूम में आई मुलाकाती वेठलु हो। हुन पंहिंजी वाक्फयत ब्रुधायो त हू विलसन ड्रेजर कं० जो एवज़ी अ रेखा हुन खां अचण जो सबबु पुछियो।

"असां वेझिराईअ में बंदरगाहन जे खो लाइ ड्रेजर सप्लाइ करण जो टेंडर भरियो अ

"सो' ?'

"इन बारे में मां तव्हां खे बधीक डी ड्रियण आयो आहियां" इहें चवंदे हू ब्रीफ खोले उन मां हिकु लिफाफो कढण लग्रो।

"इन लाए तव्हां आफिस में अचिजो।"

"मां तव्हां जो बधीक वक्त ज़ाय न कं

~ I am sorry मूंखं आफिस जे कम ब मुलाकात्युन सां घर में मिलण बिल्कुल प कोन्हे" रेखा रुखाईअ मां चयो।

मुलाकाती उथी हलण लग्रो।

* * *

रेखा जो इहो सुभाउ हो जो जेको केस में खणंदी हुई, उन खे पूरो करण बिना हुन सुखु ई न ईंदो हो। इनकरे आर्तवार सुबुअ ज हूअ आफिस हली वेई ऐं मंझन्द जो ब्रीं बजे उते कम कंदी रही। उन खां पोइ घर आ रोटी खाई अञा लेटी मस त राजन अची सहिड़

"छा क़रियां, पहिंजी सुख फिटी रणीअ सुबुह जो फोन कयुमि त "नोकिर्याणीअ ब्रुधाय आफिस वेई आहे।"

आखिर अहिड़ी कहिड़ी खास ग्रा

?''

''हिक खुश ख़बिरी बुधाइणी हुई।''

''कहिड़ी ?''

''हिक मल्टी नैशनल फर्म मूंखे कानूनी ाहकार तोरु मुकरर करण जी आछ कई।''

''वेरी गुड। घणी पघार ?''

''चालीह हज़ार महीनो''

''ओ फार्टी थाऊज़न्ड ! हैन्डसम सैलरी। हेड़ी फर्म आहे ?''

''विलसन् ड्रेजर कँ.।''

''विलसन् कं०.......जेका बंदरगाहन लाइ......?

''हाओ''

''हाणे समझियुम'' रेखा चपन में भुणकंदे ो।

''छा समझियइ ?''

''उन कम्पनीअ तव्हां खे इन उहिदे लाइ अं चूंडियो ?''

'छो ? मूं में ल्याकत नाहे छा ?''

'' आहे ! पर ओचितो अजु हुननि खे तव्हां जे ाकत जी कीअं खबर पेई ?''

''तूं छा थी चवण चाहीं ?''

''तव्हां उन फर्म में ऐपलीकेशन कदहिं कई रेखा पुछियो। 'मूंसां इन बारे में अवल कदहिं करु बि न कयव ?''

''माइ स्वीट हार्ट ! प्राइवेट कँ० वारनि खे दहिं लाइक माण्हूं नज़र में ईंदो आहे त हू उन हिकदम पाण वटि छिके वठंदा आहिनि।''

''पर अजु ओचितो कम्पनीअ खे कीअं खबर त तव्हां उन्हनि लाइ काराइता आहियो ?''

''डार्लिंग वक़ील भले मां आहियां, पर तूं त हेड़ी आदी पुछा थी करी जो समझ में ई नथो त कहिड़ी वराणी दियाइं।''

''मुहिंजी मञो त तव्हा इहा आफर न कबूलियो बहितर।''

''आखिर छो ?''

''इन फर्म बंदरगाहन वास्ते ड्रजर सप्लाइ करण जो टेंडर भरियो आहे। आर्डर तमाम वदो आहे। उहो केस मूं वटि आयल आहे। अवल हुननि मूं सां लहविचड़ रखण जी कोशिश कई, पर मूं वटां रेसपॉन्स न मिलण ते.......

''त पोइ हुननि मूंखे वसि करण जी कोशिश कई आहे, इहें न ?''

''बिल्कुल इहें''

''समझयुम'' राजन सोच में पइजी वियो।

* * *

बिए दींह खां रेखा वरी आफिस जे कम खे जुंबी वई। ब, टे दींहं गुज़रया, पर खेसि राजन वटां को बि फोन न आयो। हूअं त दींहं में हिकु ब भेरो फोन ते या रूबरू मुलाकात थी ई वेंदी हुअसि। आखिर रेखा राजन खे आफिस में फोन कयो। फोन राजन जे कलर्क खंयो। हुन बुधायुसु त वकील साहब बिनि दींहंनि खां चाकु कोन आहे, इनकरे कोर्ट में बि कोन वेन्दो आहे।

रेखा जी बेचैनी वधण लगी। शाम जो रेखा आफिस मां सिधो राजन जे घर वेई। राजन आराम कुर्सीअ ते लेटियो पियो हो। टिपाईअ ते रखियल ऐशट्रे (Ashtray) सिगरेटनि जे टुकरनि ऐं माचीस जे जलियल तीलियुनि सां भरी पेई हुई। हुन जा वार अभोगा ऐं चहिरो लथलु दिसी रेखा घबिराइजी वेई।

रेखा राजन जे मथे ते हथिड़ो फेरियो। राजन पलकूं खोल्यूं, वरी बूटे छदियाईं।

''चाकाई आहे न ? मूंखे इतलाउ बि कोन कयव ?''

राजन को बि जवाबु कोन दिनो। हुन जे अखियुनि मां ग़म ऐं गुसो नमूदार हो।

''छा गाल्हि आहे ?'' रेखा इन्तजारी मां पुछियो। राजन टिपाईअ ते रखियल लिफाफे तरफु इशारो

कयो। डिज़ंदे रेखा उहो लिफाफो खणी खोलिया। अन्दर कुझ फोटोग्राफस पियल हुआ, जेके डि॒सी रेखा दंगि रहिजी वेई। हुन जो मथो फिरण लगो॒। हूअ मथे ते हथ रखी सोच ते वेही रही।

"हिक I.A.S. आफिसर छोकिरअ जा अंदिरियां ही कारनामा ?"

राजन बरबराइण लगो॒।

"मुहिंजी हालत ते तरसु खाउ राजन।"

"तरसु ! हिक चरित्रहीण छोकिरीअ ते तरसु ?"

"Stop it Mr. Rajan. It is enough" रेखा गुसे में राजन जे घरां बा॒हिर निकती ऐं कार में चढ़ी पहिंजे घर पहुची पलंग ते फां थी किरी पेई ऐं अची सुडि॒कनि में छुटकी। घर जा सभ भाती वाइड़ा थी विया। रेखा उन्हनि खे कुझु बि न बु॒धायो। रात थी। घर जा सभु भाती सुम्ही पिया, पर रेखा जे नेणनि में निंड किथे ? हुन जे ज़हन ते माज़ीअ जा केतिरा ई वाक्या उभरी आया। जद॒हिं हूअ बी. ए. जे आखिरी साल में पढ़ंदी हुई, हुन जो अफेअर अशोक नाले स्टुडंट सां थी वियो। हू रेखा खे हिरखाइण लाइ वेलिनटाइन डे तोड़े न्यू इअर, ऐं बर्थ डे जे मोके ते उच्यूं गिफ्टूं ऐं आलीशन होटलुनि में खाराइण लाइ वठी वेंदो हो। अशोक खे फोटोग्राफीअ जो बि शौक हूंदो हो। हू रेखा खे दूर दराज़ स्थाननि ते घुमाइण फेराइण लाइ वठी वेंदो हो ऐं उते अधु नंगा तोड़े बेहूदनि पोज़न में रेखा जा फोटा कढन्दो रहन्दो हो। अलड़ उमिर में रेखा खे भले बुरे जी समझ ई न रहंदी हुई। पर पोइ जद॒हि रेखा खे अशोक जे असिलियत जो पतो पइजी वियो। हुन जो कमु ई हूंदो हो कालेजी छोकरियुनि खे प्रेम ज़ार में फासाए, उन्हनि जा बेहूदनि पोज़ान में फोटा कढी ऐडवर्टाइज़मेंट वारियुनि कम्पनियुनि खे विकिरणु। सुततु ई रेखा अशोक खां किनारो करे छडि॒यो। पर अशोक लाइ अहिड़ियूं कची उमिर वारियूं छोकरियूं जाम।

रेखा समझी वेई त विलसन् ड्रजर कँ. व खे उहे फोंटा हथि लगी॒ विया आहिनि ऐं उ ज़रीए हू हिन खे ब्लैक मेल जो डपु दि पहिंजो कमु कढण था चाहीन। हुन खे वारीअ दिल में आयो त छो न कम्पनीअ सां ते अचिजे ? मुहिंजे घरां छा वेंदो ? हिन कम्प खे आर्डर मिले या बी॒अ कहिं कम्पनीअ खे, ति मुहिंजो छा ?

राजन खे बि कानूनी सलाहकार जी नो मिली पवंदी ऐं मुंहिंजी आबरूअ ते बि का आं ईंदी। मुखे छा करणो आहे ? इन्हीअ कम्प हिन खां अगी॒अं डील में जेको सब–स्टेन्डर्ड (s standard) माल डि॒नो हो, तहिंजो ज़िकिरु पि रपोर्ट में करणो नाहे। हूंअ बि मां बु॒धल थ आहियां, अगि॒यां वाक्या यादि करण लाइ।

इतेई वरी हुनजे विचारनि फेरो खाधो अंदर वारे पुकारयो "बेवकूफ छोकिरी, क उमिर में कयल कचायुनि ते परदो विझण पहिंजे वतन सां गद्‌दारी थी करीं। छ इहा ई तुहिंजी पहिंजे मुल्क सां वफादारी ? लबा॒रु घणेई हणंदी आहीं त असांखे पहिंजे देश तां मनु, धनु न्योछावर करण घुरजे। अजु॒ आज़म जी घड़ी आई अथई त पहिंजी ज़िम्मेदारीअ मुंहुं थी मोड़ीं।"

रेखा अंदर वारे खे जवाबु डि॒नो "तनु, धनु त मां अजु॒ बि कुरबान करण लाइ त आहियां, पर हीउ त मुहिंजी इज़्ज़त आबरूअ सवालु आहे। जेकद॒हिं कम्पनीअ सां ठाह ते आयसि त हू ब्लैक मेल करे मुखां राजन जो त छदा॒ईंदा पर दुनिया भर में मुहिंजनि फो जी निमाइश करे, मुहिंजे इख़लाक जो ख कंदा।.......खात्मो.......रेखा वीचारनि जे वहिकर वहंदी वेई। हूं मुहिंजे खात्मो कनि तंहिंखां मां

पहिंजो अंत आणियां। छुटी पवंदियसि जंजाल ां। इज़्ज़त आबरू विञाए जीअण खां त मरण हितर।" रेखा आत्म हत्या जो विचारु कयो। निंड जे गोरियुनि जो वॾो डोज़ वठी सुमही वंदियसि। बिए ॾींहुं न मां हूंदियसि न ही मामला।"

"नादान छोकिरी" वरी अंदर वारे पुकारयो वाह जो हलु ग़ोल्हे कढियो अथेई। मैदान में मुंहुं काबल थियण बदिरां मैदान ई छॾे भॼण थी ाहीं ? तो जहिड़ी जवाबदार छोकिरी बि हीअं ोसलो विञाए विहे, त समूरे मुल्क में भ्रष्टाचार खे थी अची वेन्दी। ही आज़माइश जूं घड़ियूं आहिन। हिड़े वक्त में ई इन्सान जे हौसले ऐं हिमथ जी रख थींदी आहे।

पह पचाईंदे पासा वराईंदे अची पिरह–फुटी, र रेखा हिक पल लाइ बि पलकं ॿूटे न सघी। ुबुह जो रेखा ॼणु साणी साणी लॻी पेई हुई। लको बुख़ार बि पिए महसूस कयाईं तॾहिं बि अ त्यार थी आफिस हली वेई। उन ॾींहुं मिनिस्टर ाहब बि विदेश यात्रा पूरी करे वापस पहुची वियो ो। रेखा केस फाईल खणीह मंत्री महोदय जे ेम्बर में घिरंदे ई खीकारींदे चयो "Good Morning Sir"

"Hallow, कीअं आहीं मिस सक्सेना ?"

"Quite alright Sir," तव्हां जो सफर कीअं हियो ?

"बिल्कुल सुहानो, सुठो ऐं सणाओ। कहिड़ो ाईल खणी आई आहीं ?"

"सांई ही.........." रेखा वज़ीर साहब जे अॻियां ाईल रखन्दे चयो।

"O............. टेंडर्स वारो फाईस। तो समूरो ेस स्टडी कयो ?

"Yes Sir, I have given deailed report."

वज़ीर साहब रिपोर्ट पढ़ी ऊन्हें विचार में इजी वियो। कुझु घड़ियूं सांत में रहण बैद चयाईं "हीअ तो चङी ॻाल्हि मुहिंजे ध्यान में आंदी आहे। इन्हीअ फर्म सां अवल वारो सौदो त मूंखां बि अगु जो आहे।"

"सर, मां पिणु तंहिं वक्त में हिति कान हुयसि। पर झूनो फाईल उथिलाईंदे मूंखे जेका ॼाण मिली, सा मूं पहिंजी रिपोर्ट में लिखी आहे।"

रेखा चयो।

"थी सघे थो कम्पनीअ जे वर्कमैनशिप में हाणे कुझु इम्प्रवमेंट आई हुजे।"

"मां नथी भायां"

"सो कीअं ?"

"ज़ेकॾहिं इहें हुजे हा त कम्पनीअ खे ग़लत तरीका इस्तेमाल करण जी ज़रूरत ई न पवे हा।"

"ग़लत तरीका ! कींअं भला ?"

"साम, दाम, दंड, भेद।"

"छा इहो सभ तूं पहिंजे शक्सी आज़मूदे मां चई रही आहीं ?"

रेखा शूकारो भरींदे चयो "हाओ साईं।"

"त पोइ इहा कँ. वॾी खतरनाक चइबी।"

रेखा वज़ीर साहब खे सरबस्ती ॻाल्हि करे ॿुधाई।

"मिस सक्सेना, तोखे शाबास हुजे जो एतिरयूं अकूबतूं सहंदे बि तू फर्ज दाईअ खां न गुथी आहीं।"

रेखा चुपचाप में मंत्री महोदय खे ॿुधंदी रही।

"तूं घणे कदुर थकल ऐं कूमाणयल पेई लॻीं।

"ॿिन–टिन ॾीहंनि खां हलको बुखार पेई समझां।"

"चङो तूं हफ्तो खन मोकल वठी आराम कर।"

* * *

रेखा मोकल जी दरख़्वास्त ॾेई, घर में आराम

करण लगी। हुन खे फिलू बुख़ार थी पियो। ब टे ड्ीहं बुख़ार तमामु तेज़ हलयो। रेखा जी माउ राजन खे नियापो मोकलयो। राजन रेखा खे पुछण आयो। रेखा उन वक्त अखियूं बूटे लेटी पेई हुई। राजन रेखा जे मथे ते हथिड़ो घुमायो। रेखा अखियूं पटियूं ऐं राजन खे डि्सी हूअ वाइड़ी थी वेई। मुंहुं लथल, डा्ढ़ी वधी, अखियूं सुजयल, नको वार संवारियल ऐं बदन साणो–साणो। रेखा खे इहें लगो त बुख़ार खेसि न बल्कि राजन खे आहे। रेखा जे अखियुनि में आंसू अची विया। राजन रेखा जा गोढ़ा उघन्दे चयो, "रेखा मां जाणा थो त विलसन ड्रेजर कम्पनीअ वारा इन्हनि फोटनि रस्ते ब्लैक मेल करण था चाहीन। पर तूं बि त पहिंजे बचाव में कुझु बि कोन थी बुधाईं। तूं चउ त इहे फोटोग्राफस सभ हथरादू आहिनि त मां अजु ई कम्पनीअ ते डीफ़ेमेशन केस करे कम्पनीअ जे सभिनी वास्तेदारनि खे हथकड़ियूं लगाए जेल जी हवा खारायां। तूं कुझु चउ त सईं।"

"मां....छा चवां ? हकीकत खे लिकाइण मां छा वरंदो।"

"त छा इहे फोटोग्राफस असली आहिनि ?"

"उहो सुवार ई कहड़ो जो किरयो न हुजे।"

"छा मतलब ?"

"जिन्दगीअ में कडहिं कडहिं अहिड़ो बि मोड़ ईंदों आहे जो इन्सान दोखो खाई वेंदो आहे।"

"बराबर।"

रेखा राजन खे कालेजी जीवन वारी समूरी घटना बुधाई, जेका बधी राजन कुझु देर सोच में पइजी वियो। तहिंखां पोइ रेखा जो हथु पकड़ींदे चवण लगो, "मुंखे खुशी आहे जो एतरे कदुर मुश्कलातुन जे बावजूद तूं सचु बुधाइण खां नथी हिचकीं। पर रेखा राणी, जिन्दगीअ में सिर्फ सचु ई त कमु न ईंदो आहे।"

"मूं तव्हां जी गाल्हि न समझी।"

"मां मञा थो त तुहिजी रिपोर्ट जे आधार कम्पनीअ जो टेंडर बहाल न थींदो। पर अ हली बि इहा कम्पनी बदले वठण खां सवाइ क छडींदी। इन खां त बहितर दहें हो त कम्पनी सां ठाह ते अचिजे हा।"

"इहें करण सां कम्पनीअ वारा समूरी ज ब्लैक मेल जो डपु डि्यारे मूंखां हिक बिए पुठि खोटा कम कराईंदा रहनि हा।"

"इन खां बचण लाइ तूं पहिंजीह बद अहिड़े कहिं खाते में कराए वञी हा, जिते ज कम्पनीअ जो कमु ई न पवंदो हुजे।"

"न जनाब, डप में अची मां को खोटो क करियां, इहा मुहिंजी फितरत नाहे।"

हू अञा पाण में गाल्हियूं ई करे रहिया हुआ नोकर टिपाईअ ते चाहिं जी ट्रे ऐं अखिबार रस वियो। राजन अखिबार खणी उन ते सरस नज़र विधी। पहिरिएं पने ते वडनि अखरनि लिखियलु हो.........।

"काल्ह रात जो हिक मल्टीनेशनल विलस ड्रेजर कम्पनीअ जे आफिस ते ओचितो रेड वि वेई। तलाशीअ वठंदे कई काग़ज़ात तोड़े सब हथि आया जिनि मां उन कम्पनीअ जे खोट धंधनि जी घणे कदुर जाण मिली। कम्पनीअ दफ्तर खे सील कयो वियो ऐं वास्तेदार मुलाज़म खे पुलिस हिररासत में खंयों वियो आहे।"

राजन रेखा खे अख़िबार डींदे हुन जो ध्य उन समाचार डांहुं छिकायो। रेखा समाचार पढ़ बैद अख़िबार टिपाईअ ते रखी ऐं बई जुणा चा जे प्यालनि मां सुरकयूं भरींदे, हिक बिए तर मुर्की निहारण लगा।

(हिन कहाणीअ जा किरिदार, उन्हनि ज नाला ऐं वाकिया, काल्पनिक अहिनि।)

मज़्मून :– भारतीय क्रिकेट जा सिन्धी क्रिकेटर

अशोक कुमार छाबड़िया

भारतीय क्रिकेट खे लगभग हिक सदी पूरी यण ते आहे, हिनन सौ सालनि में भारत जा ई खिलाड़ी हिन खेल में उभरी आया। रांदियुन क्रिकेट पंहिंजो हिकु विशेष स्थान बणायो। हूअं हिन खेल खे सभिनी खां वधीक प्रचार दरदर्शन नों। मीडिया जे माध्यम सां प्रचार–प्रसार काफ़ी धीक थियो। हिन रांदि में जिते कई नियम हिया उते ही कई खिलाड़ियुन पंहिजा एं पंहिंजे श जा विश्व कीर्तिमान स्थापित कया।

भारतीय क्रिकेट रांद विश्व में पंहिंजी सर्वोच्च गह ठाही आहे। अजु दुनियाँ जी प्रसिद्ध पत्रिका विज़डन' भारत जे क्रिकेट सम्राट श्री कपिलदेव 'विजडन इंडियन क्रिकेटर ऑफ द सैंचुरी' जो रस्कार' देई करे भारतीय क्रिकेट खे महान सिद्ध यो आहे।

भारतीय क्रिकेट्र खे प्रसिद्धी दियारण में जिन न खिलाड़ियुनि महिनत कई आहे, उनहनि माँ छ हिन रीत आहिन। लाला अमरनाथ, सुनील ावस्कर, बिशनसिंह बेदी, बी.एस. चंद्रशेखर, मंसूर ली पटौदी, प्रो.बी.डी. देवधर, कपिलदेव, विजय ज़ारे, रणजीत सिंह, अज़हरुद्दीन, अनिल कुंबले, ीनू माकंड, जी.एस.रामचंद, जी.किशिनचंद, विजय र्चेन्ट, नाऊंमल जेऊमल, नरेन्द्र हिरवाणी, दिलीप गसंरकर, सचिन तेंदुलकर एं गुंडप्पा विश्वनाथ ाहिन।

भारतीय क्रिकेट जो इतिहास कई महान ख़िलाड़ियुनि रच्यो आहे, जंहिमें सिंधी भाषी खिलाड़ी पुठियाँ कोन रहिया आहिन।

भारतीय क्रिकेट जा पहिरियाँ टेस्ट कप्तान र्नल सी.के. नायडू हुआ। सन् 1932 में जदुंहि ारत जी टीम इंग्लैंड वई हुई ऐं सन् 1956–60 जदुंहिं भारतीय टीम पहिरयों भेरो टैस्ट मैच ीती तदुंहि श्री जी.एस. रामचंद कप्तान हुआ। विजय मर्चेन्ट खाँ बेहतर औसत छड़ो सर जान ब्रेडमैन जो ई हूंदो हो। सुनील गावस्कर एं सचिन तेंदुलकर बिन्ही खे ई क्रिकेट जे आधुनिक युग जी रन मशीन चयो वेन्दो आहे। विजय हजारे अंतर्राष्ट्रीय स्तर ते बल्लेबाजी लाइ सम्मान पातो। नरेन्द्र हिरवाणी त हिकड़ी ई टैस्ट मैच में 16 विकेट वठी विश्व कीर्तिमान जी बराबरी कई। लाला अमरनाथ–भारत जे पाराँ टैस्ट क्रिकेट में पहिरियों शतक इंग्लैंड जे खिलाफ़ सन् 1933–34 में लगाइण में गौरव प्राप्त कयो। लाला अमरनाथ जे कप्तानीअ में ई स्वतंत्र भारत जी पहिरीं टैस्ट टीम 1947–48 में आस्ट्रेलिया जे दौरे ते वई हुई। वीनू मांकड़ जा रिकार्ड भी अद्भुत रहिया आहिन। 23 टैस्टुन में 1000 रन एं 100 विकेट वरता हुआ। लार्डस में जेको टैस्ट मैच थियो उनमें 413 रन जी साझेदारी जो रिकार्ड 40 सालनि खाँ पोइ टुटो। मंसूर अली खां पटौदी 22 सालनि जे उम्र में कप्तानी हासिल कई। बेदी, चन्द्रशेखर एं प्रसन्ना भारत जे स्वर्णिम स्पिन युग जा प्रतिनिधि हुआ। गावस्कर जो टैस्ट शतक रिकार्ड अजु भी चुनौती आ। डान ब्रेडमैन ज़े 29 शतक जो रिकार्ड तोड़े 10000 रन ठाइँण वारो प्रथम बल्लेबाज सुनील गावस्कर आहे।

कपिलदेव जी कप्तानी में विश्वकप जीतण खां पोइ भारतीय क्रिकेट जी लोकप्रियता खे शिखर मिल्यो। टैस्ट मैचन में सर्वाधिक 434 विकेट वठी कपिल सभिनी खाँ अगुते हुआ। एं टैस्ट मैच भी सर्वाधिक 131 कपिल ई खेदुया, गावस्कर सर्वाधिक 214 पारियूँ खेदुयूँ। सर्वाधिक रन 10122 एं 236 नाट आऊट जो रिकार्ड बि गावस्कर दे

वेंदो आहे। रणजीत सिंह भारत खे अंतर्राष्ट्रीय स्तर ते सम्मान दि॒यारियो। अजु उनजी याद में हीअ 'रणजी ट्राफी' खेदी॒ वेंदी आहे। अजु॒ सचिन खे भारत जो सर्वश्रेष्ठ बल्लेबाज मञ्यो वेंदो आहे।

वेस्टइंडीज़ जे खिलाफ़ हिक टैस्ट मैच में 16 विकेट वठी सनसनीख़ेज प्रदर्शन करे विश्व कीर्तिमान जी बराबरी करण वारो गुगली गेंदबाज नरेन्द्र हीरवाणी, इन्दौर (म.प्र.) क्रिकेट में इतिहास जो नओं पन्नो लिख्यो। नरेन्द्र अंतर्राष्ट्रीय स्तर ते कुल 7 टैस्ट खेदु॒या एं 42 विकेट वरता 1129 बालन में 42 रन दि॒नाईं, बैटिंग औसत 51.20 एं बालिंग औसत 20-74 अथस्। लेग स्पिनर गेंदबाज नरेन्द्र दिल्ली में हिकु टैस्ट मैच खेदु॒ण खाँ पहिरियाँ ई पत्रकारन खे चयो त माँ हिन मैच में 5 विकेट वठन्दुस, त उन में 5 विकेट ई वरतांई नरेन्द्र पहिंजे बाल खे ई जुबान एं हथियार मञींदो आहे।

राष्ट्रीय स्तर ते बि नरेन्द्र जो काफी सुठो रिकार्ड आहे, म० प्र० जे पारां रणजी ट्राफी में सर्वाधिक २६७ विकेट वठण जो नओं रिकार्ड स्थापित कयो अथई। पुराणों रिकार्ड 265 विकेट जो सी. सी. नायडू जे नाले आ, रणजी में अञा तांई मैचुन में 15766 बालन में 6652 रन दु॒ई 23.40 औसत सां 267 विकेट वरता अथई। नरेन्द्र अञां तांई रणजी ट्राफी जे मैचन में पंज दफा 10–10 एं 29 भेरा 5–5 विकेट वरता आहिन।

जी किशिनचंद जो नालो गोगूमल किशिनचंद आ, किशिनचंद 5 टैस्ट खेदि॒या जंहिं में 89 रन ठाए 2 विकेट वरता एं हिकु मैच संदनि जे खाते में आ, बैटिंग औसत 8.90 रहियो।

नाऊंमल जेऊमल माखीजा हिनन 3 टैस्ट मैच खेदि॒या 108 रन ठाहिया एं 108 बालन में 68 रन दु॒ई 2 विकेट वरता। बैटिंग औसत 27 एं बालि[ंग] औसत 34 रहियो।

जी. एस. रामचंद जो पूरो नालो गुलाब [...] सिपहमलाणी रामचंद हो। इन्हन जो जन्म [...] जुलाई 1927 एं निधन 7 सितम्बर 2003 में थिय[ो।] रामचंद 33 टैस्ट खेदे॒ 1180 रन बटोरिया, वधी[क] में वधीक 109 रन 2 शतक, बैटिंग औसत 24.5[...] 20 कैच पकड़िया, एं 4976 बालन 1899 रन [...] 41 विकेट वरता। बालिंग औसत संदसि 46.[...] हो। सन् 1959–60 में जदु॒हिं भारतीय टीम सर्वप्रथ[म] टैस्ट मैच जीत्यो तदु॒हि जी.एस. रामचंद कप्ता[न] हो। रामचंद जे नेतृत्व में पहिरियों भेरो आस्ट्रेलि[या] खे पंहिंजी धरती (कानपुर–भारत) में टैस्ट मै[च] हारायो। रणजी में 2569 रन एं 10 कैचुरिन [...] रिकार्ड ठाहियाई। रामचंद राइट हैंड बैटसमैन [...] मीडियम पेस बालर हो। सन् 1954 में पाकिस्ता[न] जे पहिरिए दौरे जो कप्तान भी रामचंद हुए।

राष्ट्रीय स्तर ते क्रिकेट क्षेत्र में हरि गिडवा[नी] जो योगदान बि भारतीय क्रिकेट प्रेमी कोन भुल[ाए] सघंदा। हरि गिडवानी दिल्ली खाँ रणजी खेदु॒[...] हुआ।

अजु॒ क्रिकेट छड़ो खेल ई कोन रहियो अ[...] बल्कि हिकु जादू थी वियो आहे, जेको माण्हुन [...] मथे चढ़ी थो गा॒ल्हाए। खासकरे बा॒र, जवान [...] बुढ़ा एसंर्ताइ। जो छोकरियूं एं महिलाऊँ बि हि[न] जादूअ खाँ अछूतियू कोन आहिन।

मांण्हू पंहिंजा ज़रूरी कार्य छदे॒ क्रिकेट दि॒स[ण] मड़दनि खे पुंठियाँ छदे॒ अजु जाइफाउनं अंतर्राष्ट्री[य] स्तर ते हिन खेल में पहिचान ठाही आहे।

सिंधी साहिबु

लेखकु : स्व० लधारामु के. कुंदनाणी

उन्हीअ ड्रींहुं ओचितो बम्बईअ में हिकु पुराणो दोस्तु मिली वियो, जहिंखे सिंधु में टिंडूमलु करे सड्रींदा हुआसीं, सो हींअर पाण खे सी. बी. टांड सड्राईंदो हो। मां हुन जो नओं नालो ब॒धी अजब में पइजी वियुसि। मूं हुन खां पुछियो त यार टिंडू हीउ छा ? सिंधु छदुण सां गदु सिंधी नालो बि छदे दिनुइ छा ? ही टांडु बांडु छा आहे ? मूंखे त कुझु बि समुझ में नथो अचे।

टिंडूअ फ़खुर मां चयो त दोस्त कुंदनाणी हाणे त सिंधु आहे कान, जो उहे वेठा पुराणा नाला हलायूं। तोखे ख़बर आहे त मुंहिजे पिता जो नालो दीवानु बसरमलु हो ऐं असांजी जाति हुई छाबड़िया। उन्हीअ करे मूं उन्हनि नालनि खे मिलाए पंहिजो नालो सी.बी. टांडु रखायो त छा बुरो कयो। उन्हीअ खां सवाइ तोखे बु॒धी खुशी थींदी त मां ऐं मुंहिंजा ब॒ार घरं में बिनिह सिंधी कोन ग॒ाल्हायूं। मुंहिजी श्रीमती बी.ए. पासि आहे ऐं मां पाण एम.ए. पासि कई आहे, पोइ असांखे कहिड़ी पेई आहे जो सिंधी ग॒ाल्हायूं ! मुंहिजा ब॒ार घणो करे अंग्रेजीअ में ग॒ाल्हाईनि वक्त ते हिन्दी बि ग॒ाल्हाए वञनि; सिंधी त असुल अचेनि ई कोन।

मूंखे इहो बु॒धी द॒ाढो दुखु थियो ऐं सोचण लगु॒सि त असां सिंधियुनि जा कहिड़ा अची हाल थिया आहिनि; जो पंहिंजी सिंधियत जो हथु वठी गलो घुटे रहिया आहियूं। जेकद॒हिं उहो ई असांजो हालु रहियो त कुझु अर्से खां पोइ सिंधी ब॒ोली सफ़ा नाबूदु थी वेंदी। मां अञा उन्हीअ ई वीचार में बीठो होसि त दोस्त चयो त कुंदनाणी ! मां कुझु तकिड़ो आहियां ऐं हीउ अथेई मुंहिजें ऐड्रेस जो कार्डु। मुंहिजे घरि जरूर अचिजि। जेसीताईं मां पाणु संभालियां, तेसीताईं मुंहिजो दोस्तु पंहिंजे ऐड्रेस जो कार्ड मुंहिंजे हथ ते रखी हलियो वियो। केतिरे वक्त ताई त मां उन कार्ड खे दि॒सी रहियो होसि, जंहि ते लिखियलु हो :–

मिस्तर सी. बी. टांड
32, बी पीतलवादी
लेडी हारंगी रोड
महीम, बम्बई–16

नेठि पाणु संभाले कार्डु खीसे में विधुमि मस त छिर्क निकिरी वियो, छो जो खीसे में सैनेमा जूं टिकेटूं हथ खे लगि॒यूं। शाम जो श्रीमतीअ सां गदु पिक्चर ते वञण जो प्रोग्रामु तइ थियलु हो। वाच में वक्तु दि॒ठुमि त पिक्चर शुरू थियण में हिकु कलाकु बाकी हो। जल्दी हिक टैक्सी भाड़े ते करे अची घर भेड़ो थियुसि। घरि पहुचण सां ई श्रीमतीअ मुंहं में घुंजु पाए चयो, "वाह! जेद॒ांहुं वञो था, वञी था वेही रहो। छा पिक्चर जो प्रोग्रामु भुलिजी विया।"

"चरी त कान थी आहीं! छा उहा बि का भुलिजण जी ग॒ाल्हि त आहे कान। हूंअं ई मर्द जालुनि खे बहाने कुबहाने पिया बेवकूफ़ु बणाईनि, हाणे बि खणी को न को बहानो दि॒यो न !" श्रीमतीअ पंहिंजा ख्याल जाहिरु कंदे चयो।

"न श्रीमतीजी न; ग॒ाल्हि दरि असुलु इएं कान्हे। हीउ दि॒सु पिक्चर जूं टिकेटूं।" मूं खेसि टिकेटूं दे॒खारीदे चयो, दरि असुलु ग॒ाल्हि इहा आहे जो ओचितो अजु॒ घरि ईदे मुंखे पंहिजो पुराणो दोस्तु गदि॒जी वियो, जो हिन वक्ति पूरो पूरो साहिबलोकु थी वियो आहे।

मूं टैक्सीअ ते पेरू, रखंदे ई खीसे मां कार्डु कढी हुनजे हथ ते रखियो।

"मां बि त बु॒धां त ही टांड साहिबु आहे केरू? छा ही को अंग्रेजु आहे ?"

"न ड़े न! ही हिकु सिंधी आहे। तूं हुन रूकीअ

खे कोन सुञाणीं, हूअ गोमीअ माउ जी धीउ, ॼा सिंधु में असांजे घर जे भरिसां रहंदी हुई।''

''हा छो न सुञाणंसि। मां रूकीअ खे त छा पर हुन जे सतनि पीढ़ियुनि खे सुञाणां।

''ही टांडु हुनजो घोटु अथेई।''

''तव्हां छा था ॻाल्हायो। हुन त सिंधु में ई शादी कई हुई। जे मां भुलिजां नथी त हुनजे घोट जो नालो टिंडूमल हो। त पोइ छा हुन बड़ीअ हिति अची ॿिए कंहिं साहिब सां शादी कई आहे? छा हुन टिंडूमल खे तलाकु ॾिनो अथाई ?''

''न ड़े न! हीउ टिंडूमलु साॻियो ई वसरमल छाॿिड़िया जो पुटु अथेई, जंहिं हिति अची पहिंजो नालो सी. बी. टांडु रखायो आहे।'' मूं श्रीमतीअ खे समुझाईंदे चयो।

''हाय राम,'' श्रीमतीअ तइजब में पइजी चयो, ''छा अॼुकल्ह जा सिंधी पंहिंजा नाला बि था बदिलाईनि।''

टैक्सी अची राक्सीअ जे ॿाहिरां बीठी। असां यकिदमि लही सैनेमा हाल में घिड़ियासीं मस त न्यूज रीलु शुरू थियो। सैनेमा जेसीताईं पूरी थी। तेसीताईं त श्रीमती चुपि हुई। जीअं ई सैनेमा हाल खां ॿाहिरि निकितासीं, तींअ ई श्रीमती अची सैनेमा ठाहीदड़नि ते मटी ऐं चवण लॻी, ॾिसु त मुआ मारिया ऐक्ट्रेसुनि खे कहिड़ा न तंगि ऐ सोढा कुड़िता ऐं सलवारूं था पहिराईनि, जो छोरियुनि जो कपिड़नि हूंदे बि सॼो बदनु थो बखे। तव्हां ॾिठो कोन त कीअं न नाइका मटिकि मटिकि करे पेई हले। ॼणु त संदसि बदन जो हिकु हिकु अंगु पिए हलियो। ॾिठे ॾिठाए असां सिंधीयुनि जूं सामाणियल छोकिरिरयूं बि अॼुकल्ह तंगि कुड़िता ऐं सलवारूं पाइण लगियूं आहिनि ऐ मटिकि मटिकि करे हलण सिखियूं आहिनि। सिंधी त हूंअं ई नकुल करण में अॻिरा आहिनि। सैनेमा जो नकुलु न .फकति नौजुवानु छोकिरियूं थियूं कनि पर छोकिरा बि खूबु नकुल करणु सिखिया आहिनि।

पैंट जा पाचा एतिरा त नंढा था ठहि–राईनि, ज पैंट हिकु चूड़ीदार पाइजामो थी लॻे। उन्हीअ ॾींहुं तव्हांखे यादि हूंदो, जॾहिं निर्मला जे घ हलिया हुआसीं, तॾहिं कीअं न संदसि पुट ख सोढ़ो सूटु लहे ई न पिया। नेठि माउ खे स कयाई, जंहिं अची छिके लाथुसि। मूं उन्हीअ त निर्मला खे वरिजायो हो त भेण ! तूं कीअ थी हे सारे पुट जो सूटु लाहीं त निर्मला जवाबु ॾिनो ह त माई, मां छा करियां। मारिए खे घणो ई थ चवां त अहिड़ा सोढा सूट न सिबाए पर मारियो ॿुधे छो थो। जॾहिं सूटु अची फासेसि, तॾहिं चए ममी प्लीज ! हाणे तूं ई ॿुधाइ त भेण छा करियां ? सैनेमाउनि सभ खां घणो असरू असां सिंधियुनि ते कयो आहे। न कंहि खे वॾनि जो ॾरू रहियो ऐं न ई वरी अॻीं लॼ शर्मु रहियो आहे। हिक तर्फि सिंधी पंहिंजा नाला बदिलाए साहिब थ बणिजनि, ॿे तर्फि छोकिरा ऐं छोकिरियूं पाण खे ॾिखे गुॾा गुॾियूं बणिजी था घुमनि। छोकिरियुनि जे वारनि बणाइण जा नमूना त ॾिसो, जहिड़ा कबुतरनि जा आखेरा। ॼणु त मथे ते को मटिको खणी थियूं घुमनि। छोकिरा वरी पंहिंजा वार दिलीप कटि ऐं राज कटि था लहिराईनि। फ़ैशनु बि वञे थो ॾीहूं दीहु वधंदो। मूंखे त हाल जो हिकु गीतु थो यादि अचे :–

फ़ैशनु आहे फकिड़ी, जानि पेई आहे जकिड़ी,
इएं थी घुमे अकिड़ी, जीअं जंड़ जी आहि मकिड़ी।

असां सिंधियुनि में न फ़कति फ़ैशनु हद खा वधीक थी वियो आहे पर ॾेती लेतीअ कएं घर तबाहु करे छॾिया, तॾहिं बि असां सिंधियुनि खे का समुझ कान आई। जीअं थधि, तीअं वधि। ॾींहुं पाण चार टका बधीक ई ॾेती लेती हूंदी पर घटिजण जो त नालो ई न खणो। भॻुवान को सिंधियुनि खे समुझ ॾिए, बाकी बंदे जे पुॼण जी भीणी कान्हे।

टैक्सीह अची घर वटि बीठी। श्रीमतीअ जेके

سندن شرن پكڙي اٿم. پنهنجي شيام ۾ آيل هن نماڻي ٻانهيءَ كي كين ڇڏيندو. شاباس آهي وكيل ڏير كي جو گاهي بيگاهي پيو ايندو آهي ۽ سار لهندو آهي، پر مون اوٽ ورتي آهي الک جي، شال ٻيڙو تاريندو. منهنجو تہ من ئي مگهد ٿي ويو، جڏهن پڳت كنوررام جو كلام چيو:

”نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو.“

ڏنيواد ڏيندي چيم، ”شال كين ڇڏيندو، اوكي ۾ شال اهوئي سهاءِ ٿيندو، سوكيءَ ۾ شال پنهنجو نالو چت ڏيندو.“ مائيءَ نمسكار كيو. مون من جو من ۾ كيس پرڻام كري چيو ”شاباس تنهنجي وشواس كي.“ گهر موٽيس پر رات جو دير اندر ۾ سنت جا اكر پئي دهرايم:

”نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو.“

پنهنجي ٻارن سان گهر ۾
سنڌيءَ ۾ ڳالهايو.
سنڌِي ڳالهائڻ ۾ شرم
محسوس نہ كريو.

هونئن ته سنيري آيو هو ته ڀاءُ وٽان منجهند جي ماني کائي ويندس پر طعني کانپوءِ سندس بک ئي مري ويئي. گوبند چيو ”آيو آهين ته ماني کائي وڃ.“ اِندر چيو ”قرض موٽايان ته پوءِ اچي کائيندس.“ گوبند البت شرمندو ٿيو پر ڀاهران ضد قائم رکندي چيائين ”ڇا چيم جو چڙِي وئين؟ ويهه.“ اِندر هٿ جوڙي معافي ورتي.

گهر آيو ته اچي روئڻ ۾ چنڪيو. زال ۽ ٻار منجهي پيا. هيانو هلڪو ٿيس ته زال سان ڳالهه ڪيائين. زال سشيل هئي، نيت پٽ وارِي هئي. هن ويچاريءَ کي خبر ئي ڪانه هئي ته ڀاءُ کان قرض وٺي جاءِ ورتي هئائين. جيڪي به زيور، ميڙي چونڊي هئس سان اچي مڙس اڳيان رکيائين. ڌيرج سان چيائين ”توهان کي ايشور وڏي حياتي ڏي ته زيور به نهي پوندا.“ اِندر عجب مان پڇيو ”تو هي پئسا ڪيئن ڪنا ڪيا؟“ زال وراڻيو ”اها ڪهڙي اِستري هوندي جا ڪجهه ڀاڃي نه رکندِي؟ قرض وٺڻ وقت مون سان ته ڳالهه ڪريو ها!“ اِندر خوشيءَ گاڏر شرمساريءَ سان چيو ”مونکي ته خواب خيال ۾ به ڪونه هو ته تو وٽ ڪجهه بچيل هوندو، چوڙين ۽ ٻين ننڍڙن زيورن ڏانهن ته منهنجو ڌيان به ڪونه ويو.“ زال آنند ڀرئي آواز ۾ چيو ”قرض اڄ جو اڄ لاهي اچو، اسين بک وڌيڪ پسند ڪندا اسين.“ اِندر پيار مان چيو ”شاباس اٿيئي ساوترِي. واقع ساوتري! اڄ مونکي ڪال جي چنبي مان بچائي آئي آهين. ٻيو ڪو هجي ته نهيو پر ڀاءُ جو طعنو سهڻ کان ٻاهر آهي.“

اِندر قرض موٽائي ڏنو. گوبند سوال به ڪونه پڇيو ته پئسا ڪٿان آندءِ. وياج سميت پئسا واپس وٺي بئنڪ ۾ جمع ڪيائين. هڪ پاسي دولت ٻئي پاسي اِنسانيت! دولت جو وڏو درجو آهي. اِندر جنهن ڏينهن قرض واپس ڪيو تنهن ڏينهن به ڏاڍو رنائين. هر هر پئي پاڻ کي چيائين ”سورهن سوَ روپيا پگهار اٿس، ٻار فقط هڪ اٿس، ماني نڪي به رواجي، ڪپڙي لٽي جو شوق ڪونه، ڀاءُ کي طعنو هڻي ڇڏيائين!“ دل کي چوٽ رسي ويس.

ٻاهران پيو هلندو چلندو، کلندو ڳالهائيندو هو پر اندر ۾ ڪاٽ لڳي ويس. ويچارو بيمار ٿي پيو. ڪاٺي ٿان روح لهي ويس، هلڪو هلڪو سور دل ۾ محسوس ڪرڻ لڳو. وڪيل ڀاءُ کي وچ جي خبر ڪانه رهي، پر ڀاءُ جي تندرستي بگڙيل ڏسي سٺي ڊاڪٽر کان تپاس ڪرايائينس، پر اهڙِي ته ڪا ڳالهه ڪانه نڪتي، جنهن مان ڪو خطرو ڏسڻ ۾ اچي. سيني چيو ته گئس ٿي چڙهي، باقي دل سالم آهي. هڪ رات ماني کائي اچا ليٽيو ته مونجهه محسوس ڪيائين. زال کي سڏي چيائين، ”ڊاڪٽر کي گهرائي وٺ ۽ وڪيل دادا کي نياپو ڪر.“ گهبرائجي زال ۽ پٽ اُٿيا. ڊاڪٽر اچي ۽ ڀاءُ پهچي تنهن کان اڳ هو ڪنڌ ڍاري پئجي رهيو. ڊاڪٽر ڊوڙندو آيو پر اِندر وڃي ايشور جي چرنن ۾ پهتو.

ٻارهن ڏينهن ماتم لڳو پيو هو. ٻارهن ڏينهن کانپوءِ سڀ ڀائر وينا ۽ سوچڻ لڳا ته ڪهڙيءَ ريت ڪٽنب جي ديکڀال ٿئي. وڏي ڀاءُ ڪڇيو ڪونه پر وڪيل ڀاءُ ۽ سندس پٽ واعدو ڪيو ته جيڪا پگهار هو فرم مان ڪٽندو هو سا سندس اِستريءَ کي ملندي رهندِي، جيسين اِندر جو پٽ وڃي لائقيءَ لڳي. گهگهي آواز ۾ گوبند به چيو ”مون تي به ڪي پنجاهه پنجويهه رکو ته مان ڏيندس.“ اِندر جي زال مدد وٺڻ کان اِنڪار ڪيو. ڪيس پنج هزار انشوئرنس جا ملڻا هئا، تن مان ئي هن پاڻ کي ۽ پنهنجي

ئس تہ غريب ڀاءُ آهي ۽ جيڪڏهن گهٽي
دي ڪندوسانس تہ ڪجهہ گهرِي وٺندو.
ڀاءُ جي مدد ڪري تہ ڇاهي؟ پر گوبند پڪو
صل ڪنجوس! اولاد بہ فقط هڪ ٻار هوس
ڪي سڪي ڇائو هوس پر انهيءَ پٽ کان
يڪ پران پئسي ۾ هوس. پاڻ تي ڪونہ
يندو هو ميڙڻ جي چوس پئجي ويئي
. پاڻ برابر ڀاءُ کان ڪونہ پڇائين پر ڀاءُ
سٽايو. ٽي هزار! گوبند جو منهن لهي ويو.
ائجي کهڙو سياڳو ڏينهن هو جو دل تي پٿر
ڀاءُ جي سهائتا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پئسا
تي رکيل هئس سو پهرين وياج جي ڳالهہ
ٿينس، پوءِ قسطن جي پڪ ورتائين ۽ نيٺ
ي ورتائينس. اِندر کي ڏک ٿيو پر لاچار هو.
ن سهي بہ ٽي هزار قرض ورتائين. قرض!
ڀاءُ کان قرض ورتو. ساڳئي پيءُ جا پٽ!
قرضي ٻيو قرض ڏيندڙ! سڪ، اِندر جاءِ
.

گوبند پئسا تہ ڏنا پر ڪيس ڳالهہ وڻي
، سوچڻ لڳو "ڏنم مُٺو، موٽندا سوَ سوَ ٿي!
ي نہ تہ؟ ڪيس ڪندومانس" پڇتائڻ
هڪ ٻن مائٽن سان ڳالهہ ڪيائين جن وچي
سان ڳالهہ ڪئي، پر اِندر لاءِ صبر ڪانسواءِ
و چارو هو؟ ايشور شال ڪنهن اِنسان جي
ي هٿ نہ ٽنگائي، هلنديءَ هلائي، شال
نجو محتاج نہ ڪري. ڏي تہ پنهنجي
ي مان ڏي، ڏي اهو جو ڏيئي پڇاري نہ.
ڪو پڇاري فقط سائين ڏيئي نہ ورجائي.
س ٿو چوي:
ڙي ماهيو مٽن اِڪ مودي لڌا
سپ دي سار لهيندا
ڪا ڪدي نہ منگدا

نت نئين اڏار ڪريندا
جبل ٽڪر وچ ڪيڙي اپايس
لتان ڪون ڀي روزي رسيندا
چورا گنهگاران نو ڪونہ اپني
قدرت نال ڪڇيدا
جڳ جڳ جيئي ميرا مودي گوالا
جهڙا مهڻا ڪدي نہ ديندا.

مالڪ سو مهٽو نٿو ڏئي باقي ٻيا موٽائي
ڏين منهن ۾، اِندر مهني مهني باقاعدي سوَ
روپين جي قسط پهچائيندو هو ۽ ڪل يارهن سوَ
روپيہ واپس ڏيئي چڪو هو. هڪ ڏينهن سنڌي
پڪچر اباڻا ڏسي ڀاءُ جي گهر ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ
سان گڏجڻ ويو. آرتوار جو ڏينهن هو، گوبند
گهر ۾ هو. اِندر کي ڏسي پهرين تہ ڏڪٽي پئجي
ويس تہ قرض معاف ڪرائڻ آيو آهي يا ايندڙ
مهيني جي قسط جي مهلي گهرڻ آيو آهي.
شڪا اندر ۾ رکي ٻاهران کيڪار ڪري، ڀاءُ کان
پڇائين، "هن وقت نڪرِي پيو آهين، سڪ تہ
آهي؟" اِندر وراڻيو "توهانجي گهر سامهون
منروا ۾ سنڌين جي اباڻا پڪچر پيئي هلي سان
ڏسڻ ويو هوس." گوبند حيرانيءَ مان پڇيو
"پڪچر ڏسڻ ويو هئين؟" عجب مان اِندر
پڇيو "ڇو حيران ڇو ٿي ويا آهيو؟" ڀاءُ طعنو
ماريندي چيو "جن تي قرض جا ڪوٽ چڙهيا
پيا هوندا آهن سي وري عيش وٺندا آهن ڇا؟"
اِندر جا حوصلا خطا ٿي ويا. ڪا ويرم تہ سُن ۾
اچي ويو پر نيٺ پاڻ سنڀالي چيائين "قسط تہ
پوري وقت تي پهچائيندو آهيان." بيپرواهيءَ
سان ڀاءُ چيو "قسط ملي تہ ڇا ٿيو؟ منهنجا پئسا
تہ ريدقيد ٿي ويا. اڃا تہ ٻہ هزار جڏهن ڪِ
ملن." اِندر ٺڏو ساهہ ڪٽي چيو "ماءُ چٽيندي
پنڙا، ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊ." هو اُٿي کڙو ٿيو.

مختيارڪار آيو تنهن ڏانهن رجوع ٿي ويا. هوئن به چوندا آهن ته قاضيءَ جي ڪتي مري ته سو ماڻهو اعزاپرسيءَ لاءِ اچن، پر قاضي پاڻ مري ته ڪوبه ڪونه اچي. واه دنيا جا رنگ! ايڪڙ ٻيڪڙ ديوان جو دوست آيو ۽ اچي حال پروسي ڪيائين نه ته هرڪو نئين آفيسر جي خدمت ۾ لڳي ويو.

ٻارهن مهنا سکر ۾ گذارياڻون، پوءِ نوڪرين وارا پٽ، ماءُ ۽ ڀائرن کي وٺي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيا. ڪراچيءَ ۾ جايون ننڍيون. ڪجهه وقت گڏ رهيا پر پوءِ ٽي گهر ٿي پيا. انجنير پنهنجي ٻارن سان، وڪيل پنهنجن سان، ريلوي وارو سکر ۾ ئي رهيو. چوٿون نمبر ڀاءُ اِندر وڪيل نيوندرام سان ۽ ماءُ ننڍي پٽ رتن سان. ماءُ لاءِ وڏن پٽن مان ڪنهن سان رهڻ مشڪل هو. ديوان جي زال هئي تنهنڪري موه رڳو پنهنجن ٻارن سان هوندو هوس ۽ ڀهرئين کي شروع کان ئي ڏاريو سمجهندي هئي. جيتوڻيڪ هن حالت ۾ پيءُ نئين زال کي منڍ کان ئي اُپرڻ نه ڏنو هو، ته به ذري ذري تي ڪرڪر ۽ اجاين سجاين ڇنلين ٻارن کي خفي ڪري ڇڏيو هو. شڪر آهي جو ٽي وڏا پٽ گوبند، نيوند ۽ سندر پڙهڻ جي سانگي ماءُ کان پري رهيا هئا ۽ وچي پنهنجي لائقيءَ کي لڳا هئا، نه ته هيءَ مائي چڱو تنگ ڪرين ها. مرد کهڙو به اُدارچت هجي پر جي زال جي کلکل هجيس ته نيٺ به ڪڪ ٿي پيو ٻارن سان ورجندو. ديوان جي مرڻ ڪانپوءِ مائي لوڪ لڄا کان وچي پٽن وٽ رهي پر جان ئي عذر چتو تان وچي الڳ رهي. مائيءَ وٽ پئسو هو.

نيوند منهنجي پاڙي ۾ رهندو هو. مريادا وارو مڙس هوندو هو. وڪالت ڪندو هو ۽ گهڻو ٽڪو اِنڪم ٽئڪس جو ڪم ڪندو هو. مرضي هئس ته اِندر مئٽرڪ پاس ڪري ته اِنڪ ٽئڪس وڪيل بڻايانس. تن ڏينهن ۾ اِنڪ ٽئڪس وڪيل کي هرويرو ڪاليج جي تعلي جي ضرورت ڪانه هئي. اِندر نيوندرام جو سڳ ڀاءُ نه هو، ته به نيوندرام کيس گهڻو چاهيند هو. اِندر به ماءُ کان وڌيڪ نيوندرام کي ڀائيند هو. جڏهن ماءُ وچي جدا رهي ته به هو ڀاءُ وٽ رهيو، اتي ڪم سکيو ۽ شادي ڪيائين.

ورهاڱي ڪانپوءِ هرڪو هندستان ۾ آيو پنج ئي ڀائر بمبئي ۾ آيا. پنج ئي ڀائر جد جدا جڳهين ۾ اچي رهيا. انجنير کي هڪ وڏي فرم ۾ نوڪري ملي ۽ ان سان گڏ رهڻ لاءِ جاءِ وڪيل وٽ پئسو هو سو پڳڙي ڏيئي مڪا ورتائين. ريلوي وارو ڪرلا ۾ سرڪاري ڪوارٽ ۾. ماءُ وچي پٽ رتن سان، پنهنجي پيڪي پھ مان هڪ سوٽ جي گهر ۾، هڪ ڪوٺيءَ ۾ رهي باقي رهيو اِندر سو منجهي پيو. وڪيل ڀاءُ سان ڪم ۾ ته لڳي ويو پر رهيو پيو هو گوريگانو ۾ هڪ گنديءَ ڪوٺيءَ ۾. اِنجنير ڀاءُ کي وڏ بنگلو پر هن ڪنهن کي به پاڻ وٽ رهڻ جي آ ڪانه ڪئي. وڪيل جا پٽ ساماڻا هئا؛ هڪ ت پرڊيل به هوس، سو بنگلو پنهنجي لاءِ مس پور هون باقي ٻين ٻن ڀائرن وٽ ته ويهڻ جي به جا ڪانه هئي. اِندر ڳولهي ڳولهي وچي سيار ڪالونيءَ ۾ جاءِ هٿ ڪئي پر جاءِ جي پڳڙي هئي چائيتاليهه سو رپيا. اِندر وٽ ڪل هئ سورهن سو. منجهي پيو ته ٽي هزار ڪٿان اچن سوچي سوچي لنگهي ويو انجنير ڀاءُ وٽ، ڀاءُ ڀاءُ جو آدر ته ڪيو، چانهه پاڻي لاءِ پڇيائينس ڪڏهن ڪڏهن اچڻ لاءِ چيائينس، ٻارن لاءِ پيا ڏنائينس، باقي خاص حال ڪونه ورتائينس ج

الي الڪ جي ٻيڙو تار منهنجو

ليکڪ : پروفيسر رام پنجواڻي

ديوان راڌاڪرشن مختيارڪار هو. جن
هن جو ذڪر آهي، تن ڏينهن ۾ مختيارڪار
وڏو مان هوندو هو. اپر سنڌ فرنٽيئر يعني
ڪب آباد ضلع ۾ ته الائجي ڇا ڪري ليکبو
ديوان راڌاڪرشن رڇ مڙس هو. تمام فضيلت
و، برجستو، يارويس ۽ هوشيار! پهرين ڪنڌ
ت ۽ پوءِ جيڪب آباد ۾ آيو. ٻروچ مٿانئس
ر پيا ويندا هئا. ملڪ هو ٻروچن جو. ٻروچ
سان نهن تن کي اڏي ڇڏين. ٻڙدي، جمالي،
ا، گولا، سڀ ديوان راڌاڪرشن جي عزت
دا هئا. ديوان رشوتخور ڪونه هو پر جيڪب
د ضلع ۾ رشوت وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانه
دي هئي. ٻارن کي خرچيون، هولي، ڏياريءَ
ڏاليون، شاديءَ تي سوکڙيون، فصل لهڻ تي
جون گاڏيون، مطلب ته بهاني ڪبهاني
دار جو گهر پيو پربو هو. نواب جي گهر ڪو
رج ٿئي ته به پڻ سوغاتون ڏئي، پر جي
دار جي گهر ڪو خوشيءَ جو موقعو اچي ته
عو وهي. نواب ۽ وڏيرا انهيءَ ۾ ئي خوش ته
حب جو راز آهي جو سوغاتون قبول ڪري ٿو.
 سال ديوان جيڪب آباد ضلع ۾ رهيو، اصل
جي پيو. هندورا، پلنگ، ڪٻٽ، سوفاسيٽ،
م ڪرسيون، رليون، رضايون، فراسيون، گلم،
يچا ويندي گاڏي ۽ گاڏيءَ جو ڪميد گهوڙو!
وان کي ڇا ڇا نه مليو! پر ديوان جي هرهنڌ
ڪ هئي ته رشوتخور نه آهي.
ديوان کي پنج پٽ هئا. ٽي پهرئين گهر

مان ۽ ٻه ٻئي گهر مان. هڪ انجنيري پاس ڪري ايس-ڊي-او هو. ٻيو وڪيل ۽ ٽيون ريلوي جو ملازم، باقي ٻه اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ٻار ابو سمنڊن وانگر پلبا هئا. ڇا ته سنڌن پرگهور ٿيندي هئي! اسڪول ۾ ماستر به سندن لحاظ ڪندا هئا، پڙهن يا نه پڙهن، پاس ٿيندا ئي هئا، گهڻي پيار ڪري پويان ٻار سست ۽ بيپرواه ٿي پيا.

ديوان هڪ رات دير سان گهر آيو جو ڪمشنر جي منزل سندس تعلقي ۾ هئي. ڪمشنر جي منزل تي مختيارڪار پاڻ ماري ڪپهه ڪري ڇڏيندا هئا. هن ديوان به ڪين گهٽايو. بٽلر يا صاحب جو نائڪ جيڪي گهري سو هڪيو حاضر. سياري جا ڏينهن هئا. اپر سنڌ جا پارا مشهور هوندا هئا. ديوان گرم ڪپڙن ۾ هو پر ڇپيٽ اچي ويس. ڊاڪٽر نمونيا ٺهرائي. انهن ڏينهن ۾ نمونيا ۽ مُدي جو تپ تمام خطرناڪ بيماريون ليکبيون هيون. ڊاڪٽر آيا. سول سرجن ڪوششون ڪيون پر ڏينهون ڏينهن حالت ويئي بگڙندي. حيلا هليا پر جڏهن ڏينهن پورا ٿين، تڏهن ڦڪيون ڪهڙو فرق ڪن؟ ديوان راهه رباني وٺي رمندو رهيو. جيڪب آباد ۾ شوڪ جي لهر ڇانئجي ويئي.

ديوان جو ڪٽنب جيڪب آباد ڇڏي آيو. اتي رهي به ڇا ڪن؟ نواب ۽ وڏيرا جيڪي روز سلامي پيا پريندا هئا سي به ٿڌا ٿي ويا. هو مختيارڪار جا مطيع هئا، سو جيڪو ٻيو

ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان
ڏس ڪو ڏيم ڏاها
يا ڦيان مومن پاڪ نمازي
جنهن ۾ جانب تون ٿئين راضي
جان جوڙايان ڪين سِرڙو نمايان
يا ٿيان هندو مان پوڃا بت خانه
ڪاشي دواري گنگا اِشناني
جٽيون پايان ڪين تلڪ لڳايان
ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان
ڏس ڪو ڏي ڏاها.

يا وري شاهه لطيف جو عالمي شعر:

”سائين سدائيم ڪرين متي سنڌ سڪار
دوس مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.“

Add: Shanti Publication
Block 586/B/3-4 O.T. section ,
Ulhasnagar-421002

گيت خوشيءَ جا ڳايون

نچندي ٽپندي موج مچايون-
گڏجي گيت خوشيءَ جا ڳايون.
ڪين ٿا سوچيون، ڪالهه ٿيو ڇا،
ڪهڙا ڪهڙا ظلم سهون ٿا،
جيون جئن تئن ڪاٽيون پنهنجو،
غم ۾ ڇو غلطان رهون ٿا.
دل جي ڳالهه زبان تي آڻي-
خود کي ڇو ڪمزور بڻايون؛
نچندي ٽپندي موج مچايون-
گڏجي گيت خوشيءَ جا ڳايون.
ٻن ڏينهن جو آ، هيءُ جهان،
ڪنهن ڏي نه نهاريو، نفرت مان،
پيار ڪريو هت سڀ سان يارو!
ڇا حاصل ڪندؤ، وڙهي ڪنهن سان.

آزاد نظم-

حب وطن جي

-اشوڪ اٽلاٽي ’قائل‘

عهد ٿو ڪيان، جت به مان هجان
اول نالو اي وطن تنهنجو وٺان
آسمان سر زمين تي
تنهنجو ئي ڏيان رڪان.

قربان ڪري ڇڏيندس جان پنهنجي
تنهنجي مٽيءَ کي به چندن سمجهي
لڳائي تلڪ مٽي تي، نهال پاڻ کي سمجهندس.

سهي سور ڇاتيءَ تي
غيرن جي لتن جا
پير پائڻ نه ڏيندس
سر زمين تنهنجي تي
لنگهي جيڪو اندر ايندو.

جيئنداسون مرنداسون
اي وطن تنهنجي آبروءَ لاءِ
ترنگو جهنڊو ڪٽي آسمان ۾
هميشهه لهرائينداسين
گيت آزاديءَ جا ’قائل‘ گنگنائينداسون.

تنهنجي وجود ۾ به وجود منهنجو
تنهنجي حب ۾ فرض منهنجو
صرف آنءُ ئي نه آهيان
وطن آ اسان لاءِ
اسان وطن لاءِ آهيون

Add: A-1785, H.B. Society, Bersia Road,
Karonol, Bhopal-462038

زن ۾ آهي. غئبي ديري جي رياست وسيع ندي هئي. قمبر ۽ وارهه کان ٿورو دور بند کان رياست شروع ٿيندي هئي جا کيرٿر جبل ين هوندي هئي. اسانجي ڳوٺ ٿرڙي جران (وارهه تعلقي) کان قريبن سورهن وهن جي دوريءَ تائين هوندو هو. اسان گهٽو و غئبي ديري ايندا ويندا هئاسين. گهوڙي يا جي پاڻ سان گڏ زائغون هونديون هيون بيل گاڏيءَ ۾. هڪ دفعي مان پنهنجي ماءُ ۽ جاين سان ڏاند گاڏيءَ ۾ وڃي رهيو هوس. ڏهن بند پار ڪيوسين ان کان پوءِ گهاٽي نگل مان اڻ کوهه رستو پار ڪرڻو هو. رستي لنگهندڙ مسلمانن ڏاند گاڏيءَ ۾ سوار زالن پيل سون ڏانهن اک کڻي به نه نهاريو.

غئبي ديري ۾ ڊولورام ٻار پڙهائيندو هو. ب وٽ شام جو ڪچهري لڳندي هئي. پاڻ ي کٽ تي وهندو هو ۽ ٻيا ننڍا وڏا نندين کٽن وهندا هئا. پوءِ تر جون، رياست جون ۽ ٻين رن جون خبرون چارون پڇندو هو. ايتري ۾ ٺ گنڊيمل جو نوڪر آيو ۽ لڏن جو ٿالهه کڻي اب اڳيان رکيائين ۽ نواب کي چيائين سائين سيٺ کي پوٽو ڄائو آهي.''

''واهه، الله ڪيس وڏي آورجا بخشي'' ءِ لڏون کڻي پوري پيو ڦڪ پريندو ۽ لڏن جي واهه ڪندو. 'ڇا ته واٽين کي لڏن ٺاهڻ جو ل آهي! ڇا ته سچي گيهه جي خوشبوءِ پئي ي، ڀاڳائو به جام پيل آهي.' اِئين چئي پاڻ و کائيندو ۽ ويٺلن کي به پيو کارائيندو. نواب ي جاگير ۾ هندو آرام سان رهيا پيا هوندا هئا. گير به ڪافي پکڙيل هئي. چوندا آهن ته جي وڙي سوار صبوح جو هڪ ڪنڊ کان روانو ٿئي به سج لهڻ تائين جاگير جي ٻي حد تائين پهچي نه سگهي. نواب ڳوٺ جو واءُ سواءُ وٺڻ لاءِ شام جو نڪرندو هو. پيرن ۾ وڏي سونڊ واري جُتي، ٻجڪي واري سلوار پهري ۽ مٿي تي پٽڪو پهريل هٿ ۾ لٺ کڻي نڪرندو هو. رستي جي بزار ۾ سڀ هندو دڪاندار اُٿي بيهي سلام ڪندا هئس. سيني کي پڇندو ويندو هو ته ڪائي تڪليف ته ڪين آهي. جڏهن ڀائي صاحب منگلداس جو نڪاٽو ايندو هوس ته جُتي لاهي سجدو ڪندو، ان ڪانپوءِ ٻاهر آيل چيلي کان ڀائي صاحب جي خيريت جو پڇي اڳتي وڌندو.

اڳتي ڏنائين ته هڪ جڳهه پئي نهي. ڪجهه سوچي ڪري 'هنن وٽ ايترو مال ڪٿان آيو؟' پڇائين ته ''توهان هي گهر ڪيئن پيا نهرايو؟''

هڪ ٻڍي عورت هيٺ تي سنهي سٽڻ پهريل ۽ مٿي تي رَئو ڪري نڪري اچي چيو ته ''واهه نواب واهه، تنهنجو عقل ڪاڏي گم ٿي ويو آهي. ڊالو توهان جا ٻار پاڙهي، روپيه ٽيهه ڏيوس. اهي پئسا ميڙياسين، وري مال به تو موڪليو ۽ وري چئين ٿو ڪيئن ٿا جڳهه نهرايو؟''

نواب چپ ٿي ويو. وري چيائين، ''امڙ خطا ٿي مان نه ڄاتو ته ڊولورام جو گهر آهي، پيو مال به کپيو ته گهرائي وٺجو.'' چوندو هلندو رهيو.

رواجي هندو ماستر جي ماءُ به وڏي نواب سان حجت سان ڳالهائي سگهي پئي. اهڙي طرح سنڌ جا هندو ۽ مسلمان تاجي پيٽي وانگر هڪ ٻئي سان ٽُڇيل هئا. شاعر سليمان جو هڪ گيت آهي جنهن کي سنڌي سنگيت جو سرتاج ڪنوررام هر ڀڳت ۾ ڳائيندو هو. هن گيت مان سنڌو سنسڪرتيءَ جي سڳنڌ اچي ٿي:

سنڌو سنسڪرتيءَ جي سڳنڌ

سنڌ ۾ خاص ڪري بزرگن کي اسر جو اُٿڻ جي عادت هوندي هئي. اُٿڻ سان واهگروءَ جو نالو وٺي يا مسلم بزرگ ڏٺيءَ جو نالو وٺي چوندا هئا ”شل ادائي گهرن جو خير ڪر.“

اِهي ادائي گهر ڇا آهن ۽ انهن جي خير جي آرزو ڇو ٿي ڪئي وڃي، انهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڇوٿي دعا پِني وڃي؟ سچ پڇ مان پنهنجي هروڀرو ساراهه ڪرڻ نٿو چاهيان پر هيءَ دعا جي گهر نه صرف سنڌي قوم ۾ اهم جڳهه والاري ٿي پر اِنساني تهذيب جي بهبوديءَ ۽ وڪاس لاءِ به ضروري آهي.

هزارن سالن کان سنڌ ۾ سنڌي رهندا آيا آهن. ان دوران سنڌي سماج ۾ ڪيترا اُلٽا پُلٽا اِتهاسڪ واقعا ٿيا هوندا. پر اسانجي وهيءَ کان ڪجهه صديون اڳ سنڌي سماج ۾ ٻه مذهبي فرقا هئا، هندو ۽ مسلمان. حالانڪ هو هڪ ٻئي سان جذب نه ٿي سگهيا آهن پر انهن جو پاڻ ۾ اندروني سمجهوتو ٿيل آهي ته تون به رهه مان به رهان. تنهنجو به خير، منهنجو به خير. تون منهنجي ڌرمي ڳالهين ۾ دخل اندازي نه ڪر، مان تنهنجي مذهب ۾ نه ڪندس- سوئي اِهي مان ۽ تون، هندو ۽ مسلمان ٻه گهر ۽ باقي اڌ گهر ٿيو اڻ ڏٺل يا ٿي سگهي ٿو هريجن ڪلاس، جو بلڪل ٿورائيءَ ۾ هو. مطلب ته سڀ جو خير- هي هڪ اهڙو ڳنڍ آهي جنهن سيني سنڌين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي رکيو آهي.

عام طرح ڪيترن هندو فرقيپرستن اِهو پرچار پئي ڪيو آهي ته انگريزن ئي سنڌ ۾ سلامتي آندي، انگريزن ئي هندن جي رکيا ڪئي، انگريزن جي ڏينهن ۾ ئي سنڌي هندو اُسري سگهيا ۽ ترقي ڪيائون- وغيره، وغيره پر هي ”ادائي گهرن جو خير“ جو منتر ته انگريزن سنڌين کي ڪين پڙهايو. اِها ته هڪ پرمپرا هئي جا سنڌ جي صوفي شاعرن، شاهه لطيف، سچل سرمست، ساميءَ ۽ ٻين ساڌن سنتن پنهنجي اپديشن، رهڻي ڪرڻي، قربانين سان جوڙي آهي ۽ اها پرمپرا هلندي آهي. هنن سنڌ جي زمين ۾ محبت، ايڪتا ۽ اتحاد جو ٻج ڇٽيو جن مان امن جا سلا نڪتا ۽ سنڌي قوم سرسبز ٿي ۽ هڪ ٻئي لاءِ محبت، پيار، سِڪ ۽ عزت وڌي.

مونکي ننڍپڻ جي ياد اچي ٿي ته جڏهن منهنجي امڙ چادر اوڍي شام جو ٽڪاڻي ڏانهن ويندي هئي ۽ مان سندس چادر جي ڪنڊ پڪڙي هلندو هوس ۽ مان ڏسندو هوس ته منهنجي ماءُ شريمتي گمبي ٻائي، اسان جي گهر جي ٻاهران جا مسجد هئي ان کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪندي هئي ۽ پوءِ اڳتي ٽڪاڻي ۾ هلي متو ٽيڪيندي هئي.

هيءَ ٻئي مذهب لاءِ عزت هڪ طرفي ڪين هوندي هئي پر مسلمان به وڏ وڏيرا يا عام سڀ جڏهين ٽڪاڻي پرسان لنگهندا هئا ته سجدو ڪندي گذرندا هئا. صوفي فقير اسانجي ڳوٺ ٽرڙي حاجران جي ٽڪاڻي ٻاهران صوفي راڳ ۽ ڪافيون چوندا هئا. وري غئبي ديري جي رهواسيءَ شري ڊيولورام گوسواميءَ غئبي ديري جي نواب جي باري ۾ هينئين ڳالهه ٻڌائي:

غئبي ديرو، لاڙڪاڻي ضلع جي قمبر

سر مندر ٺهرايو، انجو مهورت ميان مير
ي ۽ کان ڪرايو.
سِک پنٿ هڪ سرل زندگيءَ جو رستو آهي
ري هندو خواهه مسلمانن کي اپيل ڪري
بو آهي. رجعت پسند هندو ڌرم جي پانيڙن
پوڄا پاٺ جي پرپنچ کان سِک ڌرم اونچو
. گرو نانڪ جو چوڻ آهي تہ آتم واد جي
تي هلڻ لاءِ يا روحاني سفر لاءِ ڪنهن بہ
مڻ جي اختيارِي يا ڪنهن پستڪ پڙهڻ
ضرورت ڪين آهي. اڌياتمڪ سڄاڳيءَ لاءِ
ني رهڻي ڪرڻيءَ جي ضرورت آهي، نہ ڪي
ن سٺي گهر ۾ جنم وٺڻ يا ڪي رسمون ادا
ڻ جي ضرورت آهي. هندو ڌرم جو ورڻ سرشتو
ن هندن ۾ ڦوٽ وڌِي آهي گرو نانڪ انجي
ب هو. ”جيڪڏهن برهم اڳيان سڀ هڪ آهن
وءِ ذات پات جا پيدياو سڀ اجايا آهن.“
گرونانڪ ڌرم جي نيڪيدارن ۽ حڪومت
تاناشيءَ خلاف هو. اِنڪري هنجو سياسي
يو بہ صاف آهي: ”لوڪشاهي مت، اِنسان
اهميت ۽ هڪ جهڙائي.“ اِهوئي ڪارڻ
جو سِک پنٿ ۵ پاتشاهي گرو ارجن ديو
پوءِ فوجي رخ اختيار ڪري ٿو ۽ وقت جي
ناهن ۽ راجائن خلاف جدوجهد چالو ٿو ڪري
حرين گرو گوبندسنگهہ اورنگزيب سان ڪلي
ت ڪئي. گرو گوبندسنگهہ تاناشاهيءَ جي
ب هو. گوبندسنگهہ پهاڙي راجائن سان بہ
و، پر هنجي لڙاين کي هندو مسلم رنگ ڏنو
آهي. اڻويهين صديءَ ۾ انهن جي ڪٿا هر
اٽي ۾ ٿيڻ لڳي. جڻ ليڪڪن اهي چاليهہ
ا لکيا آهن، انهن ڳالهہ کي سروٽي مروٽي
ن ڪيو آهي ۽ ان گرن جي جدوجهد کي
يواريت جو رنگ ڏنو آهي. اِنڪري هندو،

جي فرقيپرستيءَ جي خلاف هئا، انهن ۾ ٿوري فرقيپرستي وڌڻ لڳي.

خير ٽڪاڻن جي سنسڪرتيءَ جو هي ٿورو حصو آهي. باقي گهڻي ڀاڱي ٽڪاڻن ۾ سِک پنٿ جو ڦهلاءَ، ڀڳتي واد ۽ اِنسان جي هڪ جهڙائيءَ تي ڪافي زور ڏنو آهي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو سنڌ ۾ چوٽ ڇاٽ هئي ئي ڪين ۽ سنڌين ’اڍائي گهرن جي خير‘ جو منتر پڙهيو.

هڪ عالمي پستڪ

پنجين گرو ارجن ديو گرو گرنٿ صاحب جي رچنا ڪئي ۽ ڏهين گرو گوبندسنگهہ، گرنٿ صاحب کي يارهون ۽ آخرين گروءَ جو درجو ڏنو. هي مهان پستڪ، جنهن ۾ پنجاه هزار کان بہ متي شلوڪ آهن هڪ سچ پچ مهان ۽ عالمي گرنٿ آهي. هن پستڪ ۾ ويدن ۽ اپنشدن جو سار، ٻڌ گيان جو تت ۽ يوگڪ گيان ڏنو ويو آهي. فارسيءَ عربي جون لکٽيون هندن خواه مسلم شاعرن، ڪوين، سنت مهاتمائن جون رچنائون اچي ٿيون وڃن. فريد، ڪبير، تڪارام، ميران جون رچنائون بہ منجهس آهن. پراڪرت سنسڪرت، اُردو ۽ پنجابي لفظ بہ منجهس آيل آهن.

هن مهان ڪاويہ جي هرهڪ لفظ کي پنهنجي معنيٰ آهي، جنهنجي ڇنڊڇاڻ لاءِ ”نروڪت“ ناهيو ٿو وڃي جنهن کي ’اينسائڪلوپيڊيا‘ چيو ٿو وڃي.

هي هو مهان گرنٿ، جو هرڪنهن ٽڪاڻي جي شوڀا وڌائيندو آهي ۽ جنهن اڳيان سڀ نمندا هئا ۽ آهن اعليٰ شخصيتون، پرڌان منتري ۽ هندستان جا پريزيڊنٽ. هڪ هندستان جي پريزيڊنٽ کي تہ جتيون بہ صاف ڪرڻيون پيون.

سنڌ جا ٽڪاڻا سنڌ جي سنسڪرتيءَ ۾ اهم جڳهہ والارين ٿا. ●

اهڙي وايو منڊل ۾ نانڪ ديو ڀالي ۽ مرداني کي وٺي ڪري ستنام جو پرچار ڪرڻ لاءِ سفر تي نڪتو. گرونانڪ اوير ۾ آسام ڪامروپ تائين ويو. ڏکڻ ۾ مهاراشٽر تائين، اولهه ۾ مکي مديني تائين انسانن جي وچ ۾ ڀيدڀاوَ وسارڻ لاءِ پرچار ڪرڻ لاءِ نڪتو، بنارس ۾ گرو نانڪ جو سنت ڪبير ۽ رامداس سان مڪاميلو ٿيو. جن جون رچنائون گرو گرنٿ صاحب ۾ آيل آهن.

ڀڳت رويداس سان ميل جول گرو نانڪ کي هندو اونچي ذات وارن جي نظرن ۾ ڪيري وڌو. جڏهن ڪائنس پڇيو ويو ته تون هن اڇوت سان ڪيئن ٿو ملين ته جواب ڏنائين:

”مان خود اڇوتن ۾ اڇوت آهيان،
نانڪ انهن سان آهي- هن کي اونچي ذات وارن سان رهڻ جي ڪائي اِڇا ڪين آهي.“

ڀڳت رويداس جون رچنائون اوڌي ڀاشا ۾ آهن، جن مٿان فارسيءَ جو به اثر ٿيو آهي. ڪل ۴۱ رچنائون گرو گرنٿ صاحب ۾ وڌل آهن جي ۱۶ راڳن ۾ آهن.

گرو نانڪ جڏهن اوير جو سفر پورو ڪري ڀائي ڀالي ۽ ڀائي مرداني کي وٺي اولهه طرف رخ رکيو. سنڌ جي مٿين گندا واهه ۽ جهل مان ٿيندي ڀناڻن ۾ سچ ۽ ايڪتا جو پرچار ڪندي مکي طرف رخ رکيو. موٽندي ڪابل مان ٿيندو ساڳي وات وٺندو موٽيو آهي. اُتر سنڌ بلوچ ۾ ڀناڻن ۾ گروءَ جو ڪافي اثر ٿيو آهي. شري آئلداس شهدادڪوٽ واري ٻڌايو ته جڏهن هو جهل ويا هئا ته ات ڀناڻ ٽڪاڻي ۾ ڪڙاهه پرساد ڪرائڻ آيا هئا. باعزت ڪڙاهه پرساد ڪٽي وچي پنهنجي سنگت ۾ ورهايو هئائون.

سنڌ ۾ صوفي واد جو پڪو پايو

جنهن وقت ۱۸ ۽ ۱۹ صديءَ پنجاب ۾ سِک پنٿ جو پورن وڪاس ٿي رهيو هو، ان وقت سنڌ ۾ صوفي واد ۽ ويدانت جي پوڄارين، شاه عبدل لطيف ڀٽ واري، سچل سرمست درزان واري ۽ سامي چئن راءِ لنڊ شڪارپور وارو سنڌ ۾ ايڪتا جو بنياد پڪو ڪيو. اِنڪري سِک پنٿ جو سنڌ ۾ ڦهلاءُ سولو ٿي سگهيو. شاهه ۽ سچل جي ڪافين، ڏوهيڙن سنڌ ۾ ڌوم مچائي ڇڏي هئي. ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ شاهه ۽ سچل خوب ڳائڻ ۾ آيو. ٽڪاڻن ۾ پاٺ هجي خواه ڀوڳ.صاحب هجي يا ڪوئي ڪيرتن هجي، شاهه جو حوالو ضرور اچڻ کپي. هر ٽڪاڻي ۾ ساميءَ جي سلوڪن جو پاٺ ڪيو ويندو هو. صوفي سماگم جو سرمور هو سچل سرمست.

شاهه لطيف گرو نانڪ وانگر سيلاني هو. هي هنگلاج ويو ۽ اتي مڙهين ۽ منن ۾ وڃي رهيو. لاهوتي آديسين جو سنگ ڪيائين. اِنڪري هنجي شعرن ۾ لاهوتي ۽ آديسي لفظن جو خوب استعمال ٿيل آهي. اِنڪري شاهه گرسنگت يا ٽڪاڻن ۾ وڌيڪ پيارو ٿيو. هي شعر جو شاهه، شاهه عنايت جي شهادت کان پوءِ ڳايو آهي.

اڄ نه اوطاقن طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين
جيڪي جيئه ۾ جيئارين سي لاهوتي لڏي ويا.

هر ڀڳت هن ڪاويه کي راڳ مارو وهاڳ ۾ ڳائيندو هو. اهڙيءَ طرح هندو مسلم ايڪتا جو مجسم ۽ اِنسانيت جو هامي هنگلاج کان ڪانيواڙ، جهوناڳڙه گرنار به ويو، جتي اجا تائين مڱڻ هار شاهه جون سنڌي ڪافيون ڳائيندا آهن.

اهڙيءَ طرح شاهه سنڌ جي سنگيت کي سينگاريو. ٽڪاڻا هندو مسلم ميلاپ جو مجسم هئا. مسلم زميندار هجي يا رئيس سي جڏهن ٽڪاڻن پرسان لنگهندا هئا ته جُتي لاهي ٽڪاڻن اڳيان سجدو ڪري پوءِ لنگهندا هئا. اِنجو ڪارڻ اِهو به آهي ته گرو ارجن ديو جڏهن

۽ جي مان توکي پوڇيان ٿي سرڳ حاصل ڪرڻ لاءِ تہ تون مونکي سرڳ کان وانجهو رکجانءِ، ۽ جي مان تنهنجي بندگي حاصل ڪريان توکي پائڻ لاءِ تہ تون مونکي پاڻ کان وانجهو رکجانءِ.''

فريئڊس اتر جو چوڻ آهي تہ ''صوفي ورتن ۽ مردن ۾ فرق نہ سمجهندا آهن. هنن جو الله جي ايڪتا ۾ وشواس آهي.''

اِهوئي ڪارڻ آهي تہ صوفي واد پيارو ٿيندو ويو، هندن خواه مسلمانن ۾.

مارگريٽ سمٿ ان پهرين عورت جو بہ ڪر ڪيو آهي، جيڪا اِسلام ۾ صوفي پنٿ جي ڪت هئي. ظاهر آهي اها هئي محمد پيغمبر جي ڌيءَ فاتما جنهن کي اِسلامي روحاني رهبر ڪري مڃيو ٿو وڃي ۽ ان جي آهڙي عزت يندي آئي آهي.

ان صوفي واد سنڌ جي سوچ تي ڪيترو ثر ڇڏيو آهي، ان جو ذڪر ڪرڻ کان اول روري آهي تہ اولهہ اتر هندستان جي پرئين اسي پنجاب، هرياڻا ۽ ڪشمير تي ڪهڙا نوان سوچ جا افق ايري رهيا هئا، جن سِک پنٿ کي جنم ڏنو. هنن پرڳڻن ۾ هڪ عجيب سوچ جو سنتن تي رهيو هو. ١١ کان ١٧ صدين جي وچ ۾ ڪي عجيب وهڪرا آيا جيڪي هڪ ٻئي ۾ جذب ٿي ويا ۽ جن جنم ڏنو 'سِک پنٿ' کي ۽ سک پنٿ الڳ الڳ سروتن مان اڌياتمڪ ڪتي حاصل ڪئي. اولهہ ۽ ايران مان آيا صوفي درويش ۽ اوليا، گنگا ماتريءَ مان وشنو پنٿ وارا، بئراگي، اوڌت، ڪپليڪ، ڏکڻ اولهہ مان آيا جيني سنياسي، پورب مان آيا سڌ تنترڪ جن ٻڌ ڌرم جو اِظهار ڪيو.

١١٩٢ ۾ صوفي فقير خواجا معينودين چستي (اجمير وارو)، هن چستي سلسلو شروع ڪيو. خواجا حسن نظامي سهرا وردي سلسلو شروع ڪيو.

وري سنڌ ۾ شروع ۾ شيخ ''بهاول الدين ذڪريا'' جنهن سنڌ ۾ صوفي مت جو ڦهلاءُ ڪيو. هن جا ٻيا ٽي دوست هئا: سعيدجلال بخاري (مخدوم جهانيان ٿيو)، شيخ فريد شڪر گنج دهلوي ۽ شيخ هروان سرونڊي، سنڌ جي سيوهڻ جو شهباز قلندر جنهن کي شخي شهباز ٿنندر بہ چوندا آهن. پهي ڪنهبي ڪپڙا پائيندو هو. هنجي سيوهڻ واري درگاه تي سجدو ڪرڻ لاءِ هندو خواه مسلمان سيني جاتين جا ماڻهو اچا تائين سجدو ڪندا ايندا آهن. پنجون صوفي سنت رڪن شاهہ بوڪلي قلندر هو.

ويدانت

شنڪر آچاريہ جو ادويت فلصفانہ نظريي موجب جيوآتما ۽ پرماتما جو سنڌو مايا جي ڪري آهي. جيئن مايا ۽ اگيان جو پردو هٽي ٿو تہ جيوآتما جنهن جو ڪوئي وجود ئي ڪين آهي، خود برهم جو انيو ڪري ٿي.

ٻوڌي مت

اِنسان جو وجود خواهشن جي اڻ ڪٽندڙ سلسلي جو نتيجو آهي. اِنسان جي خواهشن جو ختم ٿيڻ سان هو جنم مرڻ جي چڪر کان مڪتي پائي سگهي ٿو ''نرواڻ'' پائي سگهي ٿو.

سورهين صدي:

هڪ طرف هنن مٿي ذڪر ڪيل اِنساني سوچ جي وهڪرن جو ميلاپ ٿي رهيو هو تہ ٻئي طرف چند ڌرم جا ٺيڪيدار هندو ڌرم کي الڳ الڳ جاتين ۾ ورهائي رهيا هئا. هندو سماج جون ڪنور رسمون جاتي واد اونچ ۽ نيچ جي وچ ۾ پيد جو بہ زور پڪڙيل هو. ٻئي طرف سياسي سطح تي بہ اتر هندستان ۾ شانتيڪو وايو منڊل ڪين هو، افغانين جو زور ختم ٿي چڪو هو، مغلن هندستان ۾ ڏيرو ڄمايو هو.

سنڌو سڀيتا ۾ ٽڪاڻن جي اهميت

ليکڪا : دوارڪاداس سنتياڻي

سنڌ جا ٽڪاڻا سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ اهم جڳهه والارين ٿا. سنڌي سماج ۾ ايڪتا آڻڻ، سنڌي سنگيت جي ترقي آڻڻ ۾ ٽڪاڻن مکيه رول ادا ڪيو آهي. ٽڪاڻن ۾ روزانو ڪيرتن ٿيندو آهي ۽ ورسين تي ڀڳتي ڀاوَ رکيا ويندا آهن. ٽڪاڻا عام جي رچيءَ ونڊر جا مرڪز هئا.

عام طرح سنڌي هندو واپاري سياءُ جا آهن. ڏيساورن تي مال موڪلڻ ۽ وري ٻاهران آيل مال جو ڳوٺن ڳوٺن ۾ وڪرو ڪرڻ جا طور طريقا ۽ ڪي ساڌن ناهيا ويا. وڏا واپاري تہ ڏاند ڳاڏين تي مال موڪليندا هئا يا گهرائيندا هئا پر ننڍا واپاري گڏه تي مال شهر مان وٺي ڳوٺن ۾ وڪري لاءِ ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن انهنکي رات پنڌجي ويندي هئي تہ پوءِ ڳولها ڪندا هئا ڪنهن ٽڪاڻي جي.

ڳوٺن جون پنچايتون ڳوٺ ۾ هڪ جڳهه اهڙن سئلانن لاءِ محفوظ رکي ڇڏينديون هيون جنجي سنڀال لاءِ ٽهليو مقرر ڪيو ويندو هو. واپاري رات جو آرام ڪري صبوح جو روانا ٿي ويندا هئا.

ارهين صديءَ جي شروعات ۾ انهن ٽڪاڻن ۾ گرو گرنٿ صاحب جي اِستاپنا ڪئي ويئي ۽ 'ٽڪاڻو' لفظ ڦري ٿيو 'ٽڪاڻو.' ٽڪاڻن ۾ مکيه ديوتا ليکيو ويو گرو نانڪ. ٽڪاڻن ۾ روزانو ڪيرتن، ستسنگ ۽ گرن جي آرتي ٿيڻ لڳي.

سنڌ ۾ ٽڪاڻن جو مکيه ديوتا گرونانڪ ڪيئن ٿيو؟ سنڌين سِک پنٿ ڪي ڇو اپنايو؟ اِنهن سوالن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين سنڌي هندن جي سوچ ڦرندي گهرندي کهڙو روپ اختيار ڪيو ۽ ڇو سِک پنٿ ڏانهن مائل ٿيا؟ ان وقت جي سوچ ۾ کهڙا مکيه وهڪرا هئا؟ انهن کي سمجهڻ کپي.

ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ ۾ جنهن وقت ٽڪاڻن جو وڪاس ٿي رهيو هو، ان وقت سنڌ ۾ هڪ ملي-جهلي سنسڪرتي زور پڪڙي رهي هئي، جنهن ۾ ٽي مکيه وهڪرا وهي رهيا هئا. هڪ هو ٻوڌي مت، جنهن منڍ کان وٺي سنڌي سوچ تي اثر ڇڏيو آهي ۽ هندستان ۾ جو ڀڳتي واد نظرئي جو ڦهلاءُ ٿيو، ان تي بہ اثر ڪيو آهي.

ٻيو آهي صوفي واد جو ڦهلاءُ- صوفي واد يا تصوف اِسلامي سوچ ۾ هڪ اهم وهڪرو آهي. تصوف ڪوڙين رسمن رواجن وهنواري آچرڻ کان مٿي آهي، جيئن شاه عبدل لطيف چيو آهي:

''روزا ۽ نمازون اهو پڻ چڱو ڪم،
پر اهو ڪم ٻيو فهم جنهن مان پسجي پرينءَ کي.''

صوفين جو ڀڳتي سنتن وانگر جات پات ۾ وشواس ڪين آهي. پهرئين صوفي مهيدودين-اين-عربيءَ جو چوڻ آهي تہ ''منهنجي دل ۾ مسجد بہ آهي تہ مندر بہ آهي تہ يهودين جو سينگاگيه بہ آهي. هنن جو 'وحدتي-ال-وجود' ۾ وشواس هو. سڀ اِنسان اوليه الاهہ آهن (الاهہ جا اولاد آهن.''

رابيا-اِلا-ادوئيا صوفي عورت سنت هئي، هوءَ چوي ٿي تہ-

''اي الله، جي مان توکي پوڄيان ٿي نرڪ جي ڊپ کان تہ تون مونکي نرڪ ۾ ئي وجهجانءِ،

ورو کيو ۽ ھن مڃيو تہ ممي بہ راضي ٿي ي پونا اچڻ لاءِ، ڏس اسانجو Plan سڦلو ٿيو.

رينو: بينا تون ڪيترو ٿي ساھرن لاءِ ين خاص ڪري سس لاءِ، منھنجي تہ سس وت اچڻ جو لکي يا فون ڪري مان ٻڌان خار اڇيو وڃي، وري جي اچي مھنو رھي ان تہ چوان اچ وڃي سياڻ ھيو ڏينھن ٿئي.

بينا: رينو، اِئين نہ چئہ سس بہ ماءُ برابر ي. منھنجي سس تہ ڪڏھن بہ مونکي ننھن نہ سمجھيو آھي، ھوءَ تہ مونکي پنھنجين ي ڌيئرن کان وڌيڪ پيار ڪنديِ آھي، پوءِ چونہ سس جو خيال ڪريان. تنھنجي سس ۽ نجي سس ۾ رات ڏينھن جو فرق آھي.

رينو: پر بہ تو جيترو تہ ڪابہ ننھن اچڪلھہ انہ ڪنديِ.

بينا : اڙي مون ڇا ڪيو آھي. اسانکي پڳوان ھيترو سڀ ڏنو آھي. Maybe منھنجي سس جو دعا جو اثر ھجي. ٿي سگھي ٿو وان انجي ڪري ئي اسان تي ايترو مھربان و آھي، خبر ڪانہ اٿيئي وڏا مائٽ ماءُ پيءُ س سھرو پڳوان برابر آھن. ھن ڌرتيءَ تي اچي وان ڪنھن ڏنو آھي؟ وڏن مائٽن جي آسيس وان جي آسيس آھي.

رينو : تون چريِ آھين ٻار اچ ننڍا سياڻ ا اُنھن لاءِ بہ تہ سڀ ڪجھہ ڪپي.

بينا : نيڪ آھي ٻارن لاءِ بہ ڪبو اچا تہ ڍا آھن.

رينو : پائي مونکان اِھو سڀ ڪانہ ٿيندو، يڪو تون ٿي ڪرين.

بينا : رينو توکي بہ ٻہ ڌيئر آھن، جي تون نھنجي سس کي پيار ۽ عزت ڏيندينءَ تہ تنھنجون ڌيئر بہ اِھو سکنديون، اھي بہ تہ ڪنھنجي گھر وينديون، اِئين نہ ٿئي تہ تنھنجا اثر تنھنجي ڌيئرن تي پون.

رينو : (ٿورو سوچيندي) بينا چئين سچ ٿي برابر مونکي بہ ٻہ ڌيئر آھن، مون ڪڏھن اُنھن لاءِ تہ سوچيو ئي ڪانھين، مونکي سوچڻ ڪپي. بينا سچ پچ تو منھنجيون اکيون کولي ڇڏيون. پائي توکي تہ ست جڳ ۾ جنم وٺڻ ڪپندو ھو، سٺو ڪلجڳ ۾ بہ جنم ورتو اٿيئي، پاڻ مون جھڙين ٻين ساھيڙين کي بہ سيکارڃ، جيئن ھرڪا ننھن وڏن جي عزت ڪرڻ سِکي. ائين ڳالھين ڪندي ڪيڏيِ مھل پونا اسٽيشن اچي وئي، ٽائيم جي خبر ئي ڪانہ پين.

گاڏيِ بيٺي، ٻئي ساھيڙيون ھڪ ٻئي کان موڪلائي پنھنجي پنھنجي رڪشا ۾ ويھي ھڪ ٻئي کان ڌار ٿيون، رستي ۾ سڄي واٽ رينو بينا جي ئي باري ۾ سوچيندي وئي کھڙيِ نہ نيڪ خيالات ڇوڪريِ آھي، مونکي بہ پنھنجي ڌيئرن کي اِھا سِکيا ڏيڻ گھرجي.

ھي سڄو اولاد تي مائٽن جو اثر آھي، خاص ڪري ڌيءَ تي ماءُ جو ڪافي اثر ٿو ٿئي، جي ماءُ ئي نيڪ خيالات ۽ وڏي دل وارِي آھي تہ ڌيءَ بہ اھڙي ئي ٿينديِ. بينا جي ھلت چلت مان ڇوڪرين کي سِکڻ ڪپي. ھرڪنھن ماءُ جو ڪم آھي ڌيءَ کي سٺا لڇڻ سيکاري سٺي سکيا ڏئي، جيئن ھوءَ شاديءَ کان پوءِ وڃي ھڪ سٺي ننھن ثابت ٿئي ۽ ٻئي ڪُل تاري، ساھرو بہ پيکو بہ، چوڻ ۾ تہ ايندو تہ ادا فلاٽي جي ڌيءَ آھي ۽ فلاٽي جي ننھن آھي. يلي جائي ٻئي ڪُل تاريا اٿس.

Add, C-456, Lilashah nagar,
Gandhidham (Kutch) -370201

بينا: ڪمون تہ آفيس جي ميٽنگس لاءِ ويو آهي باقي ٻار تہ گهر مميءَ وٽ ڇڏي اچي رهي آهيان. رينو توکي خبر آهي اڄ منهنجي سس پونا اچي رهي آهي. مان اِنڪري سس جي پهچڻ کان اڳ ۾ پونا پهچڻ ٿي چاهيان. (پرس کوليندي) چاٻيون ڪڍي، ڏس رينو مان ڪيئن نہ گهر جون چاٻيون وٺي آئي آهيان، رينو مان ڏاڍي خوش آهيان.

رينو: تنهنجي سس ٿي اچي ۽ تون اهڙو خوش آهين جو ڄڻ قارون جو خزانو مليو اٿئي؟

بينا: ها رينو ها، اڄ منهنجي من جي مُراد ذري گهٽ پوري ٿيڻ واري آهي.

رينو: من جي مُراد؟ وري ڪهڙيون مرادون هئئہ.

بينا: اِهائي تہ (منهنجي سس) اُن شهر مان ٿي نڪري ۽ پوني اچي رهي، مس مس تہ مُن مڃيو آهي. رينو مان توکي ڇا ٻڌايان، منهنجي شادي ٢٠ آگسٽ تي ٿي هئي ۽ 1st October منهنجو Birthday هو، منهنجي سس سيني مائٽن کي ڇيو هو ۽ منهنجي Birthday لاءِ اهڙو تہ ڪيڪ ٺهرايو هئائين جو سڀ ڄڻا ڪيڪ ڏسي دنگ رهجي ويا هئا. منهنجي سُهري جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇ ديوتا هو ديوتا، پر چوندا آهن جنجي هِتي گهرج اُنهنجي پيڳوان کي بہ گهرج آهي. منهنجي سس تہ ڄڻ آسمان تي پئي اُڏامندي هئي، اڄ اها گهوٽ جي موت جو صدمو سهي ڪانہ سگهي هئي، اوچتو ٥٠ سالن جي عمر ۾ پيڳوان منهنجي سُهري کي ڪسي ورتو. سڄ پڇ جنهن گهر ۾ ڪِل خوشي مون ڏٺي اُتي جو ماتم ڏسي منهنجي بہ دل ڏاڍو دکي ٿي هئي پر وري بہ اسين پنهنجن ٻارن ۾، ڪم ڪارين ۾ Buzy ٿي وياسين، ممي تہ جنسي پٿر جي مورت ٿي ويئي هئي، نہ ڳالهائي نہ ٻولهائي، بس ڏينهن رات اکين مان پاڻي وهائي گونگا ڳوڙها پئي ڳاڙيائين، تڏهن مون ۽ ڪموءَ سوچيو هاڻ مميءَ کي اِن شهر مان پوني وٺي اچون، اُتي نون ماڻهن سان ملندي، دادا جو ستسنگ وغيره ٻڌندي تہ ضرور هنجي زندگيءَ ۾ ڦيرو ايندو. توکي تہ خبر آهي ماءُ ڪمونءَ جي ڪمزوري آهي، هو سڀ ڪجهہ برداشت ڪري سگهي ٿو پر ماءُ جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي ڪانہ سگهندو آهي. ڪمون چاهيندو آهي تہ منهنجي ماءُ پهرين وانگر کِلي ڳالهائي، اِهو سڀ سوچي اسان پوني گهر ورتو. رينو اڄ جيئن منهنجي سس هن گهر ۾ ايندي، نئين Atmosphere ۾ رهندي وري اسين بہ ڪجهہ ٽائيم هن سان گڏ هونداسين، مان هنکي دادا جشن واسواڻيءَ جي ستسنگ ۾ روز وٺي ويندس ۽ مونکي اُميد آهي تہ ضرور هنجي زندگيءَ ۾ ڦيرو ايندو ۽ هوءَ نئين سِر جيئڻ جو سک ماڻيندي.

رينو: بينا او بينا، توکي تہ پائي پنهنجي سس لاءِ ڏاڍو پيار آهي.

بينا: ها ها چو ڪين، توکي خبر ڪانہ آهي پيار هڪ طرفو ڪانہ ٿيندو آهي، جيترو مونکي هُن لاءِ پيار آهي اوترو ئي هوءَ مونکي پڻ پيار ڪندي آهي. خبر اٿيئي ڪمونءَ کان گهڻو هنجو موهہ مون ۾ آهي، شل نہ منهنجي اک اُتي پريشان ٿي ويندي.

سچ رينو منهنجي سُهري جي اوچتي موت هنکي ٽوڙي ڇڏيو آهي، مان ۽ ڪمون هميشهہ Plan ٺاهيندا هئاسين تہ ڇا عجب جو مميءَ جي زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي، الائجي حياتي ڪيتري سو اسان منهنجي نندي ڏير کي پونا ۾ پڙهڻ

بينا

ليکڪا : چندران کياڻي

بينا تڪڙيون تڪڙيون وکون وڌائيندي
ي تي وئي. اڄ تہ هنکي بنگلي جون چاٻيون
کان ونڻيون هيون، فون تي ڳالهہ تي چڪي
، هنکي ڏاڍي چنتا هئي تہ بس رڳو چاٻيون
۾ ملن.

آفيس ۾ پهچڻ ساڻ جيکي بہ باقي
Formali هيون، اُهي سڀ هن جلد جلد
ون ڪيون، هنکي سڀ پئسا وغيره باقي پرڻا
اُهي بہ ھُن جلد جلد پريا ۽ چاٻيون وٺي
تيندي گھر پهچڻ لاءِ رڪشا ۾ چڙهي اچي
پهتي.

گھر ۾ گهڙندي ئي کنهن سان ڳالهائڻ
ائڻ کانسواءِ هوءَ پنهنجي روم ۾ گهڙي
ٽ کولي ڪپڙا هڪ ننڍڙي بئگ ۾ وجهڻ
. ماڻس جو هيئَن اوچتو بينا کي تيار ٿيندو
سو (اندر اچي) پڇيو.

ماڻس : ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري آهي؟

بينا : ممي ڏس ڪيئَن نہ ويهي ڪري
Formalities پوريون ڪري بلڊر کان پوني
بنگلي جون چاٻيون وٺي آئي آهيان، ممي
جو ئي مان پونا تي وڃان.

ماڻس : ايترو تڪڙو ڇو؟ سڀاڻ وڃج،
ترن ڏينهن کان روز پئي پنڌ ڪرين اڄ ٿورو
م ڪر، سڀاڻي وڃج.

بينا : نہ ممي نہ، مان (ميءَ) سس جي
ا پهچڻ کان اڳ اُتي پهچڻ ٿي چاهيان.
ي Please اڌ ڪوپ چانهہ ٺاهي ڏيندينءَ؟

ماڻس : ها ها ٺيڪ آهي تون تياري ڪر
مان چانهہ ٺاهي ٿي اچان.

بينا : سڀ ڪپڙا وغيره بئگ ۾ وجهي هڪ
نظر واچ تي وڌي، الا ساڍا چار ٿي ويا هئا، پنج
لڳي ڏهہ منٽ تي Deccon Queen هئي، سو
هوءَ بئگ کڻي ٻاهر نڪرڻ لڳي.

ماڻس : اڙي بينا چانهہ تہ پيءُ.

بينا : او ها ممي، ساري، چانهہ پي طوفان
جي تيز گتيءَ سان ٻاهر رڪشا پڪڙي سڌو
اسٽيشن تي پهتي. گاڏي لڳي چڪي هئي، بس
بہ منٽ ٽرين چٽڻ ۾ هئا، هوءَ تڪڙو تڪڙو
پنهنجو Comporment ڳولهي اُن ۾ چڙهي.
بئگ سيٽ هيٺان رکي Thanks God چئي
شوڪارو پري سيٽ تي ويٺي ۽ رَئي سان مُنهن
تان پسينو اُگهڻ لڳي. هُنکي اِها سمڪ ئي ڪانہ
رهي تہ سندس جي پرسان ئي سندس ساهيڙي
رينو ويٺي هئي. رينوءَ بہ ڏٺو شايد بينا مونکي
ڪانہ ڏٺو آهي (سو کيڪاريندي) رينوءَ چيو،
اڙي بينا تون؟

بينا بہ هئين اوچتو رينوءَ کي ڏسي چيو،
ائي رينو تون؟

رينو : بينا هيئَن اڪيلي اڪيلي ڪيڏانهن
وڃي رهي آهين؟

بينا : پونا ٻيو ڪٿي؟ هيءَ ٽرين تہ پونا
ئي هلندي نہ، پوءِ ڪيئَن ٿي پڇين؟

رينو : اڄ توکي اڪيلو ٽرين ۾ ويندو ڏسي
ٿورو خيال ٿيو. ڀلا ڪر خبر ڪمون ۽ بار ڪٿي؟

پاروتي : ڪاڪا، ڀڳوان مهربان ته سڀ مشڪل آسان. اِئين چئي هن پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل سون جي چين (سڳو) ٻاهر ڪڍي ڏيکاري ان جي وچ ۾ جيڪو طوق هئو، تنهن تي شري ڪرشڻ جي سُدرشن چڪر سان مورت جڙيل هئي. هن چيو ڪاڪا مون کي رتلام ضلع جي هڪ قصبي ۾ ٿاڻي جي ذميواري سونپي وئي. هفتو مس گذريو ته ريل جي پٽي تي هڪ ڪشوريءَ جو لاش مليو. منهنجي لاءِ ڀهريون معاملو سو به سنگين. ڊاڪٽري جاچ مان خبر پيئي ته ڪشوريءَ سان بلاتڪار ڪري ڪيس ڳهلو ڏيئي ماريو ويو. شهر ننڍو، ڳوڙ مچي ويو. ڳالهه بالا عملدارن تائين پهتي. ڏوهين کي جلدي گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڪن ته اِهو به ڊيڪ وهايو ته نئين آهي، سنڌيائي آهي، هيءَ ڇا مجرمن کي پڪڙيندي. مان خاموش رهيس. ٿڌي دماغ سان سوچي بالا عملدارن کي عرض ڪيو ته هن ۾ ڪن وڏن ۽ پهچ وارن ماڻهن جو هٿ آهي. هڪ توهانجو پورو سهيوگ کپي ۽ ٻيو خفيه پوليس جا به ايماندار ۽ تجربيڪار حولدار ٿوري وقت لاءِ منهنجي ٿاڻي ۾ مقرر ڪيا وڃن. جاچ ڳجهي رکيم ته ڪٿي اصلي گنهگار ڀڄي نه وڃن. نيٺ پندرهن ڏينهن کان پوءِ تڪ جي وڏا ڀڪ جو ننڍو پاءُ، رٽايرڊ تحصيلدار جو پٽ ۽ ناري اُتان جي راتري پاٺشالا جي ماستريائيءَ کي عدالت ۾ ثبوتن ۽ شاهدن سان پيش ڪيم. انهيءَ وچ ۾ مون کي لالچ ۽ ڌمڪين جو مقابلو ڪرڻو پيو. نيٺ تنهي کي سخت سزا آئي. هاڻي سڀئي ساراهه جون سرڪيون پرڻ لڳا. جن پترڪارن ٻاهر نڪرڻ مشڪل ڪري ڇڏيو هئو، تن منهنجي فوٽي سان گڏ منهنجي ساراهه ۾ الائي ڪيترا ڪالم ڀري ڪارا ڪيا. منهنجو جنتا ۽ پوليس وڀاڳ سنمان ڪيو ۽ سونو بلو اِنعام ڏنو. اِهو آهي منهنجيءَ ترقيءَ جو راز. مون اڳتي پڇيو ته ڪنهن به پوليس آفيسر کي پنهنجي گهر واري شهر جي ٿاڻي ۾ نه رکيو ويندو آهي. توکي ڪيئن رکيو اٿن. چيائين ڪاڪا اِهو به راز آهي ۽ توهان به اِن کي راز ئي رکجو. مان پاروتيءَ کي دعائون ڏيئي موٽيءَ ڪان موڪلائي گهر آيس. ڪجهه ڏينهن پاروتيءَ سان ٿيل وارتالاپ ياد ايندو رهيو، پوءِ آهستي آهستي ذهن جي پٽيءَ تان ميسارجي ويو. هڪ ڏينهن صبح جو جيئن اخبار کوليم ته وڏن اکرن ۾ لکيل هئو، ''هڪ خطرناڪ پاڪستاني پنهنجي ساٿين ۽ بارود سان گرفتار'' ۽ گرفتار ڪرڻ واري جو نالو هئو ڪماري ڀي. پرياڻي. مان پاڻ روڪي نه سگهيس، جلدي ڇانهن ڀي ڪپڙا بدلائي ٿاڻي ڏانهن رخ رکيم. ٻاهر پوليس جو پهرو اندر اچڻ نه ڏين. مون پني لکر تي پنهنجو نالو لکي پوليس واري کي چيو، هي اِنسپيڪٽر پرياڻيءَ تائين پهچاءِ، جي هوءَ منع ڪندي ته مان موٽي ويندس. ڪجهه دير بعد پاروتي پنهنجي ورديءَ ۾ آبدار اکيون چهري تي وشواس جي جهلڪ ۽ هر قدم ۾ هڪ پختگي کڻي منهنجي سامهون آئي ۽ پاڻ سان گڏ وٺي هلي پنهنجي آفيس ۾ وهاريائين. مون پاروتيءَ کي ڪلي ۽ ڌيمي آواز ۾ چيو، پٽ تنهنجي هٿ بدلي ٿيڻ جو راز مون کي اڄ سمجهه ۾ اچي ويو. هن چيو ڪاڪا سڀ ڀڳوان ڪرشن جي ڪرپا آهي. انهيءَ ڪم لاءِ اسان جي وڀاڳ چئن اِنسپيڪٽرن تي جوابداريِ رکي پر ڪاميابي مونکي ملي. مون چيو پٽ تو جهڙيون ڌيئر ڦل هر سنڌيءَ جي گهر ۾ ڄمن، جي پنهنجي خاندان ۽ سنڌي جاتيءَ جو نالو روشن ڪن. ٻاهر نڪتس ته هڪ پوليس حوالدار ٻئي کي چئي رهيو هئو ته هوءَ شيرڻي آ شيرڻي ۽ منهنجي وات مان نڪتو واهه ڙي سنڌيائي تنهنجي شان!

Add : T-26 old, Bairagarh (Bhopal) 462030

هٽ ۾ ڇانهه جو ڪوپ ڪٽي ايندي هئس.

مان : پاروتي مان ڪاڪي جي حيثيت ڪان ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪرڻ ٿو چاهيان.

پاروتي : ڪاڪا، پلي پڇو.

مان : مون کي خبر آهي ته تو مئٽرڪ ۽ اي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي هئي ۽ اي. ۾ تنهنجو سيڪنڊ ڪلاس آيو هئو، تون ين هان ته وياڪياتا يا ماستريءَ جي نوڪري ي ملي پئي سگهي، پوءِ تو هيءَ سخت ندي ۽ خطري واري نوڪري ڇو پسند ڪئي. طرح سان پارتيه ڇوڪريون پوليس جي ري ناپسند ڪنديون آهن.

پاروتي : ڪاڪا، توهين صحيح آهيو، پر تيجي جي پنيان ڪو نه ڪو ڪارڻ ضرور و آهي. منهنجي پوليس ۾ نوڪري ڪرڻ ن به هڪ زوردار ڪارڻ آهي. ڳالهه جو سلسلو ي رکندي پاروتيءَ ٻڌايو، ڪاڪا بي. اي. ڪرڻ بعد مان ايم. اي. لاءِ داخلا ورتي ۽ ان گڏ ٽائيپ ڪرڻ به سکندي هئس. ڪٽي ريءَ لاءِ جڳهه نڪرندي هئي ته درخواست وڪليندي هئس. مون سان گڏ منهنجي هڪ ڪلاس هئي، ساليانو جلسو جنوريءَ جو نو هئو. جلسي ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان ٻئي ون جلدي جلدي وک وڌائيندي بس اِسٽاپ پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيوسين وچتو پنهنجي پويان ڪنهنجي هلڻ ۽ ٺس ڪرڻ جو آواز آيو. مُڙي ڏٺوسين ته ٻه جوان ڪرا اسانجي پنيان اچي رهيا هئا. رات جو ي دڪان بند ٿي چڪا هئا ۽ رستي جون ون ڪجهه وساميل هيون. دل هڪدم ڌپ سان ي وئي ڇو جو اُهي ٻئي جوان عمران ۽ غفران س جا نگراني شده بدمعاش هئا. ظاهري طور سانجي ڪاليج جي ٻاهران اِسڪوٽرن جي ت جو ڪم ڪندا هئا پر سندن اصل ڪارناما رناڪ ڏوهارين جهڙا هئا ۽ ڪڏهن ڪاليج جي ڇوڪرين سان گنديءَ ۽ گستاخيءَ واري ڇيڙخاني به ڪندا هئا. مون پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو ته جي اسين ڊڄي ڊوڙ پائينديوسين ته هو اسان تي حاوي ٿي ويندا. انهيءَ ڪري هلنديون هلون ۽ ڀڳوان شري ڪرشن کي پرارٿنا ڪيون ته تو هيڏي وڏي سڀا ۾ دروپديءَ جي پَت رکي ته اسان جي به رک ۽ اسان همٿ رکي قدم وڌايا ۽ من ئي من ۾ مُرليڌر کي پڪاريو. ڪاڪا آسماني واهر ڇئو يا خوش اِتفاق، سامهون اِسڪوٽر ايندو نظر آيو. اِسڪوٽر اسان جي پرسان اچي بيهي ويو. اسان ڏٺو ته اُهي ٻئي سوار اسانجي ڪاليج جون ڇوڪريون هيون. ٻئي اين. سي. سي. جي وردي ۾ هيون، سندن ڪلهن تي بندوق لٽڪيل هئي. هو پنهنجي آخر ٽريننگ پوري ڪري موٽي رهيون هيون. اسانجي ڳالهه ٻڌي هنن اِسڪوٽر جي روشني ٻنهي بدمعاشن تي وڌي. عمران ۽ غفران وردي ۽ بندوق ڏسي سمجهيو ته پوليس پهچي وئي آهي ۽ جلدي هڪ گهٽيءَ ۾ غائب ٿي ويا. اين. سي. سي. جي ڇوڪرين اسان کي بس اِسٽاپ تي پهچايو. اسان بس ۾ ويهي گهر پهچي ويوسين ۽ انهيءَ ڏينهن کان منهنجي دماغ ۾ هڪ ويچار گهر ڪري ويو ته اسان جهڙين ٻين ڪيترين بي بس ۽ شرميلين ڇوڪرين سان هي اِنساني روپ ۾ بگهڙ حيواني هلت هلندا هوندا ۽ ورديءَ جي ڊپ ڪري ڪن جو بچاءُ به ٿيندو هوندو، بس ان ڏينهن کان پوءِ سوچيم، سچ پچ وردي پائي ڇونه اهڙن حيواني ۽ اڻ وڻندڙ واقعات کي تڙي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيان. هڪدم پوليس وياڳ ۾ درخواست ڏنم. سڪيا حاصل ڪيم ۽ اڄ اوهانجي سامهون آهيان.

مان : پر پهرين ته تون سب اِنسپيڪٽر ٿي مقرر ٿي هوندينءَ ۽ ستن سالن جي ننڍي عرصي ۾ توکي اِنسپيڪٽر جي ترقي ڪيئن ملي؟

دوست جهمون ڇگاڻيءَ جي ٻنهي سان ڄاڻ پڇاڻ هئي. هن ڪين ڏٻيل لفظن ۾ سمجهايو ته واچناليه ۾ بحث ڪرڻ نيم جي خلاف آهي. جهمونءَ جي ڳالهه سمجهي ٻئي ڄڻا ٻاهر هليا ويا. موتيءَ کي مان به سڃاڻندو هئس. ورهاڱي ٿيڻ بعد جڏهن سنڌي هندو لڏ پلاڻ ۽ پڇ پڇان واريءَ حالت ۾ هئا، موتي جو اُن وقت ڇوٽون درجو انگريزي (VIIIth) پاس ڪري چڪو هئو، مائٽن سندس شادي ڪرائي ڇڏي. هت هندستان (تڏهن بئراڳڙهه ڪئمپ هئي) ۾ ڪيس اجهو ته مليو مگر روٽيءَ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ هُو ڀوپال جي ڀُنا - مِل ۾ مزور ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. تنهن کان پوءِ موتي ورسائڻ واري کاتي ۾ پٽيوالو ٿي لڳو ۽ دفتري ٿي رٽاير ٿيو. پر اها اسانجي اُپ نگريءَ جي عادت آهي ته جنهن تي پهريون نالو پئجي ويو، سو سدائين انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهڙا ڪيترا مثال آهن. موتي محنتي هئو، آفيس بند ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجيءَ کاٺ جي کئبن (مانڊڻي) تي اچي وهندو هئو ۽ ٻارن کي بسڪوٽ، ٽوش ۽ ڪٽمنڙا ۽ ٻيون شيون وڪڻندو هئو. موتيءَ پنهنجي سڀني ٻارن کي سرڪاري اِسڪولن ۾ ڀرتي ڪرائي تعليم ڏياري.

تن ڏينهن ۾ سرڪاري اِسڪولن ۾ سٺي تعليم ڏني ويندي هئي. مون کي به پهرين نوڪري وسائڻ واري کاتي ۾ ملي، جتي موتي (آکهه پرياڻي) اڳ ۾ ئي ڪم ڪندو هئو. مان پنهنجي موڪل جي درخواست موتيءَ هٿان موڪليندو هئس. سندس گهر وڃڻ تي هو مونکي زور ڪري (حجت ڪري) چانهه پياريندو هئو. پاري (پاروتي) جا اُن وقت ٻار هئي، اسان کي پهرين پاڻي پياريندي هئي ۽ پوءِ چانهه جا ڪوپ کڻي ايندي هئي. پاروتي مون کي ڪاڪا چوندي هئي ۽ اُهو رشتو اڄ به قائم آهي.

پاروتي پڙهڻ ۾ پهريون نمبر هئي. وقت پنهنجيءَ رفتار سان هلندو رهيو. اڄ پاروتي پرياڻي پوليس اِنسپيڪٽر ڪماري پي. پرياڻي جي نالي سان پنهنجو نالو ڪڍيو آهي ۽ سندس پتا موتي هڪ ڪپڙي جي دڪان جو مالڪ سيٺ موتيرام ٿو سڏجي.

پوهومل ۽ ويڙهيمل جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي من ۾ تجسس پيدا ٿيو، ڇو نه هڪوار موتيءَ سان ملي اچان. ڪجهه وقت سوچيندو رهيس ۽ آخر منهنجي پيرن موتيءَ جي گهر ڏانهن ويندڙ رستي تي هلڻ شروع ڪيو. موتي گهر جي ٻاهر ويٺو هئو. مون کي ڏسي خوش ٿيو ۽ ڪلي ڪيڪاريندي چيائين، اچو ديوان وڏا پير ڪيا اٿو. اڄ ڪيئن ڀلجي پيا آهيو.

مان : موتيرام توهان سان گڏجڻ آيو آهيان.

موتي : ديوان مان موتيءَ مان موتيرام ڪڏهن ٿيس. مون کي شرمندو نه ڪيو. مان اُهوئي پراڻو موتي آهيان. اِئين چئي مون کي هلي پنهنجي بئٺڪ خاني ۾ وهاري چيو، سائين هاڻي حڪم ڪيو. مون چيو، موتيرام تنهنجي وڏي ڌيءَ پاروتي اسانجي اُپ نگريءَ (بئراڳڙه) ۾ پوليس اِنسپيڪٽر ٿي آئي آهي. مان هن سان گڏجڻ ٿو چاهيان. موتيءَ چيو سائين توهانجو ٻار آهي، اِجهو هينئر ٿو حاضر ڪيانس. برابر ڏهن منٽن کان پوءِ هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس ۽ ٻئي هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ پليٽ ۾ رکي هڪ ڏکي ڪٽڪ رنگ سوٽي ساڙهيءَ ۾ ملبوس ڇوڪري منهنجي سامهون اچي بيٺي ۽ اچڻ سان چيائين 'ڪاڪا، نمستي'

مان : پٽ نمستي. تو ماڻ ڏيئي مون سان پراڻو رشتو قائم رکيو آهي، هميشهه خوش هجين.

پاروتي: ڪاڪا مان اُهائي پاري آهيان، جيڪا سال اڳ هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس ۽

سنڌياڻي

ليکڪ : ٽيڪم آفتاب

ڻي زالون به ٽيون پوليس ۾ ڀرتي

هيمل جو واڪو ٻڌي واڇناليه ۾ وينل
ڪ هڪ ٻئي ڏانهن واٽڙن وانگر نهارڻ
رف خاموشي ڇانئجي ويئي. ماڻ کي
پوهومل پڇيس سيٺ ويڙهامل وري
لن کي ٿو پوليس ۾ ڀرتي ڪرائين،
مجهاءِ ته سهي؟ بس پوءِ ته ويڙهيمل
ڏي. شروع ڪيائين داستان ۽ پنهنجي
دت موجب سنڌي ٻوليءَ جي پراڻين
حوالا ڏيئي ڇوڻ لڳو، يائي پوهومل،
گرم، واپاري ته نرم، زال ته شرم.
ڃ وئي لاڙڪاڻي، شرم ويو شڪارپور ۽
ستان ۾ اڃڻ ڪان پوءِ حياءُ ته پر ڪري
و آهي. سنڌ ۾ ڇوڪرين کي به چار
ي يا گرمکي پڙهائي گهر وهاربو هئو
سچو ڪم ڪار سيکاربو هئو، پر ادا
ستان ۾ ڇوڪريون ڪاليج پڙهن،
به ڪن. هاڻي ته پوليس ۾ ٽيون ڀرتي
بيلي ڇا زمانو اچي ويو آهي.
ومل چيس ته يار ويڙهامل، جي توکي
ڻ جو شوق آهي ته ڀلي ڪر پر تنهنجو
ين ۾ ڳالهائڻ پنهنجي پلئه ڪونه ٿو
ف ۽ سليس سنڌيءَ ۾ سمجهائين ته
، نه ته يار پاڻ هلياسين. هئڙي شوقين
هيئن هٽن مان ويندو ڏسي ويڙهيمل
جو بند پڇي پيو. اُمالڪ ڳالهه جي
پهچي ويو. يار پوهومل پروليون
هيون سنڌ ۾، هتي کهڙيون پروليون.
حقيقت هيءَ آهي ته موتيءَ جي ڏيءَ

جنهن پنج سال پهرين مهاراڻي لڪشمي بائي گرلس ڪاليج مان ايم. اي. پاس ڪئي هئي، سا هاڻي هن شهر ۾ پوليس آفيسر ٿي آئي آهي. هاڻي هڪ ڇوڪري پوليس اِنسپيڪٽر ٿي کهڙا ڦاڙها مارينديِ؟ ڇا شهر جا شودا کيس ٽڪڻ ڏيندا؟

پوهومل پڇيو کهڙو موتي؟ ويڙهيمل ورنديِ ڏني يار موتي جيڪو مِل ۾ مزور هئو. اڙي ها، سچاڻانس، پوهومل چيو. اُهو جيڪو ريل جي پٽيءَ جي پرئين پاسي ٿهيل بئرڪن ۾ رهندو هئو ۽ هاڻي ڪپڙي جو دڪان اٿس. ها اُهوئي موتي ويڙهيمل چيو. اُنهيءَ جي وڏي ڌيءَ پاربي (پاروتي) هاڻي هن شهر ۾ پهچي وئي آهي، سو به هڪ اِنسپيڪٽر بڻجي آئي آهي. ڏسون ٿا ته گهڻي ٿي شهر جي شيوا ڪري ۽ ڪيترن حرامين ۽ هاتڪن کي هتڪڙي هڻي لاڪپ ۾ بند ڪري ۽ شهر ۾ شانتي قائم ڪري. پوهومل چيس، يار نئين آهي. حالتن کي ضابطي ۾ ڪرڻ لاءِ ڪجهه وقت ته لڳندس. ويڙهيمل وري چيو، اِئين هجي ها ته پوءِ سرڪار ملٽريءَ ۽ بين خطري وارن ڪاتن ۾ مڙد ڀرتي نه ڪري ها. پوهومل چيو ويڙهامل، وقت بدليو آهي. هاڻي عورتون ڊاڪٽر اِنجنيئر ڪليڪٽر ۽ پائلٽ پڻ آهن. ٻيو ته ڇڏيو، هن وقت اسانجي ملڪ جي مهندار (وزير - اعظم) شريمتي اِندرا گانڌي آهي. ويڙهيمل چيو - ڇڏ يار، ڪٿي جواهرلعل نهروءَ جي ڌيءَ ۽ ڪٿي موتي مزور جي ڇوڪري!

واڇناليه ۾ وينل پاتڪن اعتراض ڪيو ته گوڙ سبب سندن پڙهڻ ۾ رُخنو ٿو پوي. ليکڪ

منتريءَ ۽ راشٽرپتيءَ سان ملون. هٽ هٽ تي رکي وهڻ سان ڪم نہ هلندو. جي جائز طريقا وٺڻ سان ڪم نہ سري تہ پوءِ ڌرڻي ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿيون. راجيہ سڀا ۽ لوڪ سڀا ۾ سنڌي ميمبرن شري لعل ڪرشڻ آڏواڻي ۽ شريچند ڪرپلاڻيءَ سان ملون تہ هو لوڪ سڀا ۽ راجيہ سڀا ۾ اهڙا سوال اُٿارين تہ سنڌي جاتيءَ کي انصاف ملي. سنڌي پترڪائن ۽ اخبارن ۾ اهڙا ليکہ شايع ٿين. شاهہ صاحب بہ فرمايو آهي-

ستا اٿي جاڳُ ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳُ ننڊن ڪندي نا ملي.

قلم ٿارو - پڌو ويو آهي تہ وڪاس بو
جو ڪم چالو ٿيو آهي. بقايا بل واسطيد
سنسٿائن ۽ ماڻهن کي موڪلڻ شروع ٿيا آه
ان لاءِ وڪاس بورڊ جي اڌڪارين ۽ خاص ط
شري ڪيسواڻيءَ کي ڌنيواد. اميد تہ سنڌ
ٻوليءَ جي وڪاس جو ڪاريہ اڳي وانگر چ
رهندو.

- اشوڪ شرم
سمپاد

□

آزاد نظم-

سوچي ڏس

-مايا راه

عرصي پڇاڻان
ڪنهن ڪئي آ
تنهنجي
ڪا دلي تمنا پوري
ڪيڏي نہ خوشي
ٿي آ توکي
سوچي ڏس
ڇا تو بہ ڏني آ ڪڏهن
ڪنهن کي
ڪٿي بہ
اهڙي خوشي؟

ڪنهنجي
ڪن، ٻن اکرن
گهائي وڌو

اهم تنهنجو
تون ترقي اُٿئين
سوچي ڏس
ڇا تو تہ ڏني ناهي ڪڏهن
ڪنهن کي
ڪٿي بہ
ترق ڪا اهڙي؟
سيتل ٿڌي
وڻ جي ڇانوَ جيان
ڪنهن جلي اُس ۾ پاڻ
توتي آ سنيهہ جي
ڪيڏي نہ ورکا ڪئي،
سوچي ڏس
ڇا تو بہ ڏني آ ڪڏهن
ڪنهن کي

ڪٿي بہ
پاڻ سري
اهڙي ڪا ڇانوَ ٿڌي؟
تنهنجيون
برايون نہ ڏسي
ڇڱاين جي
ڪئي آ ڪيڏي
ڪنهن ساراهہ
سوچي ڏس
ڇا تو بہ ڪئي آهي
ڪٿي
ڪنهن جي برائي
نظرانداز ڪڏهن؟

dd: A-1/601,
lappy Valley, near Tikujini wadi
hitalsar Manpada, Thane (W) 400607

هي پر نئين زمين تي ٻوٽو ته پوکي
تو پر ڪٿي آيل وڻ ڪيئن لڳائجي؟
ي جاتيءَ ۾ اهڙو جادو آهي جو برپٽ
اغ لڳائڻ ڄاڻي، مٽيءَ مان به سون
ڄاڻي. سنڌي جاتيءَ پاڻ کي اڏيو.
ي واڌاري ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي
به ڪئي. شرنارٿيءَ مان پرشارٿي ۽
ارٿي بڻي. ۵۸ سال گذري ويا آهن
اسان کي پنهنجو سمجهن ۽ وقت به
هاو ڏنا ٿا وڃن. ڇو؟ ڪيترو سهبو ۽
ي به ڪا حد ٿيندي آهي. ڀلا ڪهڙي
ڪري اسانجي سڃاڻپ يعني سنڌي
ي وڪاس جو رستو روڪيو ويو آهي؟
وڪاس بورڊ جا ڪاريه ڇو بند ٿيا؟
ديش ۾ سنڌي اڪاڊمي ٺپ ڇو پئي
مڌيه پرديش ۾ الڳ سنڌي اڪاڊمي
آهي؟ مهاراشٽر ۾ سنڌي اڪاڊميءَ
ي مدد ايتري گهٽ ڇو ٿي ڏني وڃي
س جو خرچ به مشڪل سان ٿو نڪري؟
انيايه ڇو؟ ٻڌو ويو آهي ته سنڌي
بورڊ جي آفيس ٻڙودي مان دهلي
جو ارادو ٿي رهيو آهي. وڪاس بورڊ
ائريڪٽر شري چني لالواڻي کي پد تان
يو آهي ۽ ان جي جڳهه تي چار مهنا
پر ٻيو ڪو ڊائريڪٽر مقرر نه ٿيو
ڇو؟ ڪو سنڌي ودوان ڪونهي ڇا جو
سنڀالي سگهي؟ (تازي احوال موجب
ان پڻ عارضي طور مقرر ڪئي ويئي
ٿيڻ ائين ڪپندو هو جو ٻي مقرريءَ
شري جيني لالواڻي کي ڪم چالو رکڻ
وڃيءَ ڪيس ڪيئر ٽيڪر جي روپ ۾
رڻ ڏنو وڃي ها. اهو پرشاسنڪ نيم به
ائين نه ڪيو ويو.

سالن کان بورڊ جو ڪم زبردست ڪاميابيءَ سان ڪم هلندو پئي رهيو. اهو ٺپ ٿي ويو. ائين ڇو ٿيو؟ سنڌي ٻوليءَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟ ان جي پٺيان ڪا راجنيتڪ چال ته ڪانهي؟ شري سريش ڪيسواڻي هڪ پراڻو مدبر سنڌي نيتا آهي. سنڌي جاتيءَ جي لاءِ هن جي دل ۾ پيار آهي. اهو برابر آهي ته سنڌي جاتي هڪ راجنيتڪ پارٽيءَ جي گ هٽي همائتي پئي رهي آهي پر لوڪشاهيءَ ۾ پنهنجو مت رکڻ هر ناگرڪ جو اڌڪار آهي. الڳ ويچار رکڻ ڏوهه ته ڪونهي. پوءِ ان جي سزا ته ملڻ نه کپي. سنڌي ٻولي کي انلاءِ صدقي جي ٻڪري ته نه بنائڻ کپي. جي سنڌي ڪلاس هلي رهيا هئا اُهي چالو ڪيا وڃن. شڪشا ڏيندڙ ماسترن جا رهيل معاوزا بروقت ڏنا وڃن. انهن مان ڪيترا غريب طبقي جا آهن. جن هڏان خرچي ڪم چالو رکيا آهن. ڪيترا بلڪ پرچيز جا بل روڪيل آهن، انهن سان انصاف ڪري اهي بل ڏنا وڃن. لوڪتنتر ۾ ويچارڪ متڀيد ته رهندو آهي. سنڌي جاتي شروع کان جنتنتر ۽ ڌارمڪ ايکي ۾ وشواس ڪندڙ جاتي پئي رهي آهي. ديس جي سرو وڪاس جي ڪاريه ۾ سڀني سان گڏ هم جولي ٿي رهي آهي. سنڌي ٻوليءَ کي نيايه ملڻ کپي.

نيايه ملي ان لاءِ سنڌي به سجاڳ ٿين. بنا گهرڻ جي ماءُ به پنهنجي ٻار کي کير نه ڏيندي آهي. اسانکي پنهنجا اڌڪار گهرڻ کپن. سڀ ملي ڪري مانو سنساڌن منتري ارجن سنگهه کان سنڌي وڪاس بورڊ جو ڪاريه چالو ڪرايون. سنڌي سنسٿائون اهڙا عريضا شري سريش ڪيسواڻي ۽ شري ارجن سنگهه کي موڪلين. ڊيپوٽيشن ٺاهي پرڌان

سن ١٩٩٤ ۾ ڪيندريه سرڪار طرفان راشٽريه سنڌي وڪاس بورڊ جي اسٿاپنا ٿي. جنهنجي مرڪزي آفيس بڙودي ۾ رکي ويئي. ان سنسٿا جي پاران سنڌي ڀاشا جي واڌاري لاءِ ڪئي انوکا اتساهه وڌائيندڙ اتم ڪاريه چالو ڪيا ويا. ائين ڏسڻ ۾ آيو ته ڄڻ سنڌي ڀاشا جي وڪاس جو نئون يڳه شروع ٿيو آهي. جي يوجنائون اڳه چالو هئيون انهن اسان گڏ سنڌي لوڪ گيت، سنڌي ڀڳت، سنڌي ناٽڪن لاءِ ورڪشاپ شروع ڪيا ويا. ڪهاڻي ليکڪن جا ڪلاس لڳايا ويا، ساهتيه سميلن ڪرڻ لاءِ مڪاني سنڌي سنسٿائن کي آرٿڪ مدد ڏيئي همٿايو ويو. سنڌي ڪتابن جي بلڪ پرچيز، سنڌي ساهتڪارن کي سنمان ڏيڻ، انهن کي انعام ڏيڻ، سنڌي ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ سان جڙيل جڳهن جي ايپاسي ياترائيون ڪرڻ لاءِ مدد ڏيڻ. خاص ڳالهه سنڌي ڀاشا کي زنده رکڻ لاءِ سنڌي جوانن ۽ ٻارن کي سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس کولڻ، سولائي سان سنڌي سکڻ جا سولا ڪورس ٺاهڻ جهڙا اپاو ڪيا ويا. ان مهان ڪاريه کي شروع ڪرڻ جي لاءِ مانو سنساڌن منتري شري ارجن سنگهه، اڳوڻي مانو سنساڌن منتري شري مرلي منوهر جوشي ۽ ان سان گڏ شري مرليڌر جيٽلي، موتيلعل جوتواڻي، شري جهمٽمل واڌواڻي، ڊاڪٽر ڪنيالعل ليکواڻي، سرڳواسي شري کي. آر. ملڪاڻي (پانديچيري جو اڳ وڏو گورنر)، ٻلديو مٽلاڻي، رٽائرڊ نياياڌيش شري اندرسين ايسراڻي، شري چينو لالواڻيءَ واکاڻ جهڙو يوگدان ڏنو.

سنڌي ڪلاس سکڻ جهڙي مهان ڪاريه ۾ پهرين سال ئي وڏي ڪاميابي ملي. ١٣٠٠ وديارٿين سنڌي سرٽيفڪيٽ امتحان ۾ وين... اڪيلي ممبئي ۾ ٥٠٠ وديارٿين امتحان ڏن... ان ڪاريه ۾ ساڌو واسواڻي مشن پونا ... سنڌالاجي گانديڌام ٻه سهيوڳه ڏنو. لکنؤ ... ٻه هري اوم مندر ۾ ۽ شو شانتي آشرم راجاج... پورم ڪالونيءَ ۾ سنڌي ڪلاس چالو ڪيا وي... جنهن ۾ ١٠ سالن کان وٺي ٥٠ سالن جي... بزرگن حصو ورتو. انڪل ٢٠٠ وديارٿي... سنڌي سکي. ان ڪاريه ۾ هري اوم مند... جي اڳوڻي ستسنگه سيڪريٽري شري هولارا... ٿڌاڻي ۽ سندس ڀين ساٿين ڪيرون لهڻيون...

پر گذريل سال ڪيندر ۾ سرڪار بدلجڻ... تي اهو ڪم ٺپ ٿي ويو. نئين مانو سنساڌن... منتري شري ارجن سنگهه جي اچڻ تي ... سنڌي وڪاس بورڊ جي نئين ڊيپيوٽي... چيرمين شري سريش ڪيسواڻي جي اچڻ... تي سڀ هلندڙ وڪاس جا ڪم روڪيا ويا... هلندڙ يوجنائون مهمل ڪيون ويون.

ائين ڇو ٿيو؟ ڪير جواب ڏي؟ ٻٽواري... ڪري سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ کي... جو نقصان پهتو اهو ڇوڻ ۽ ڪٿڻ ڏاڍو ڏکي... آهي. سنڌي جاتيءَ صدين کان پنهنجي... سيني تي حملاورن جا گهاو سهي ڀارت جي... وروميي سنسڪرتيءَ جي رکيا ڪئي آهي. پر... ديس جي موقعي پرست نيتائن ۽ سنڌي... نيتائن جي غفلت سبب سڀ کان وڏيڪ... ورهاڱي جو درد سنڌي جاتيءَ کي ڀوڳڻو پيو... سڀ ڪجهه وڃائي قتيل دلين سان پنهنجي... ڌرم ۽ آبرو جي رکيا لاءِ پنهنجي جنم ڀومي... مان جلا وطن ٿي شرنارٿي جو زلت وارو ... سيني تي انڪائي ڀارت ۾ اچي داٿو دا... ٿي ويا. سنڌي سنسڪرتي هڪ وٽ ورڪش...

سنڌي گلشن

سنڌي سماج لکنؤ جي سهاري هيٺ

(ٽماهي ادبي مخزن)

انڪ ١٥۴- ١٥٥ برپا ٿيل ١٩٦٠

جولائي - سيپٽمبر ٢٠٠٥

آڪٽوبر - ڊسمبر ٢٠٠٥

سمپادڪ منڊل

ـہ سمپادڪ- اشوڪ شرما

پادڪ - پرڪاش گوڏاڻي

يشر - راڌاڪرشن عالمچنداڻي

بر - لکن گرناڻي، اشوڪ گرناڻي، شوانند مامتاڻي

چندو

	لکنؤ	ٻاهر	ولايت
انو	٦٠ روپيا	٨٠ روپيا	٢٥٠ روپيا
الن لاءِ	١١٠ روپيا	١٥٠ روپيا	٦٠٠ روپيا
ميمبر	٥٠٠ روپيا	٦٠٠ روپيا	٢٠٠٠ روپيا

پتو

٢٢ بي-اين- روڊ لال باغ،

ڪستوربا ناريشالا، لکنؤ

پرچو سينگاريندڙ

ڪم آفتاب، چندرا ڪياڻي، دواراڪاداس

ڻي، چيتانند رائچنداڻي، گرداس آهوجا

Sindhi typeset by

Methani Printers

Nagori Garden, BHILWARA - 3110

☎ *229828 (O), 250128 (R),9414110728*

سمپادڪيہ

سنڌي ڀاشا سان گهور انياءِ

ڀارت جي سنوڌان موجب ديس جي هر ناگرڪ کي پورو اڌڪار آهي تہ هو پنهنجي ماتري ڀاشا جو پريوگ ڪري ۽ ان جي وڪاس لاءِ ڪوشش ڪري. ان ۾ سرڪار کي پورو سهڪار ڏيڻ کپي. ائين تہ هر پرانت جي سرڪار پنهنجي پرانتيہ ڀاشا جي وڪاس لاءِ ٻڌل آهي. ان جي هر طرقيءَ لاءِ سب ڪاميٽيون، اڪاڊميون ۽ صلاح ڪار ڪاميٽيون برپا ڪندي آهي. پر ڀارت جون ڪي اهڙيون بہ ٻوليون آهن جن کي پنهنجو ڪوئي پرانت ڪونهي. اهي ٻوليون آهن سنڌي، سنسڪرت ۽ اردو. انهن ڀاشائن جي وڪاس لاءِ ڪيندريہ مانو وڪاس سنساڌن منتراليہ ۽ شڪشا وڀاڳہ ڪوشش ڪندو آهي.

١٩٦٧ ۾ سنڌي ڀاشا کي ڀارتيہ سنوڌان جي اٺين شيڊيول ۾ مانيتا ڏني ويئي. ان کان پوءِ ڀارت سرڪارجي شڪشا منتراليہ ۾ سنڌي وڀاڳہ برپا ڪيو ويو جو سنڌي ڀاشا جي وڪاس لاءِ الڳہ الڳہ يوجنائون ٺاهي سنڌي ڀاشا جي واڌاري لاءِ ڪاريہ چالو رکندو رهيو آهي. سنڌي ڀاشا جي ودوانن، ڪوين، ليکڪن کي سنمان ڏيڻ، سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ سنڌي ڪتابن جي ڇپائي ۾ مالي مدد ڏيڻ، هنن جي بلڪ پرچيز ڪري سنڌي اِسڪولن، پستڪالين، ودوانن ۽ خاص ماڻهن ڏانهن موڪلڻ ۾ مدد، سنڌي پترڪائن ۽ اخبارن کي اشتهار ڏيڻ جهڙا ڪاريہ چالو ڪيا ويا.

سنڌي گلشن



दादा जशन वासवाणी

दादा टी-एल वासवाणी

Chief Editor :
Ashok Sharma
M.A.,LL.B.

Editor :
Prakash Godhwan
M